روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
سکر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com
(جلد 02) جمعو پهرين سيپٽمبر 2023 ع بمطابق 14 صفر 1445ھ (قيمت 05 روپيا) شمارو 96

جي ڊي اي پاران سنڌ ۾ پ پ مخالف مضبوط اتحاد ٺاهڻ جو اعلان

قومپرست پارٽين مٿان جي ڊي اي ۾ شامل ٿيڻ جي اپيل، اليڪشن ڪميشن کان آئين تحت چونڊون ڪرائڻ جو مطالبو

ڊجيٽل آدمشماري ڪوتاهين ۽ خامين باوجود منظور ڪئي وئي، اها نئين تڪبندين توڙي ووٽر لسٽن جو ڪارڻ بڻجي وئي آهي : اڳواڻ

هاڻي چونڊون 90 ڏينهن اندر ڪرائڻ ۾ ڏکيائيون پيش اچي رهيون آهن، ان جون ذميوار پيپلز پارٽي ۽ نواز ليگ سوڌو پي ڊي ايم جون جماعتون آهن

يراعظم کي خط لکي ملاقات جو وقت گهريو آهي ته جيئن ڪيس صوبي جي مسئلن سان ڳالهه ٻولهه کان آگاهه ڪريون. جي ڊي اي وفد سڀاڻي چيف اليڪشن ڪمشنر سان ملاقات ڪندو

16 مهينا ناڪام حڪومت هلائيندڙ چون ٿا 90 ڏينهن ۾ چونڊون ڪرايون وڃن، اهو وڏو مذاق آهي، نگران حڪومت ۾ ڪا به تبديلي ناهي آئي

آءِ جي ۽ چيف سيڪريٽري جي بدلي سان ڪجهه نه ٿيندو، ٻي سموري باقيات پيپلز پارٽي جي آهي، جي ڊي اي جو اتحاد برقرار آهي : پريس ڪانفرنس

ڪراچي (رپورٽر) جي ڊي اي پاران سنڌ ۾ پ پ مخالف مضبوط اتحاد ٺاهڻ جو اعلان. قومپرست پارٽين مٿان جي ڊي اي ۾ شامل ٿيڻ جي اپيل، اليڪشن ڪميشن کان آئين تحت چونڊون ڪرائڻ جو مطالبو ڪراچي ۾ ڊاڪٽر صفدر عباسي، سردار عبدالرحيم، سائره بانو عرفان الله مروت ۽ ٻين جي ڪراچي ۾ پريس ڪانفرنس، جي ڊي اي اڳواڻن چيو آهي ته ڊجيٽل آدمشماري ڪوتاهين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

موجوده صورتحال ۾ اليڪشن ڪميشن جي درخواست رد ڪئي ٿي وڃي : چيف جسٽس

پنجاب چونڊون: سپريم ڪورٽ اليڪشن ڪميشن جي نظرثاني درخواست رد ڪري ڇڏي

چيف جسٽس آف پاڪستان جسٽس عمر عطا بنديال جي سربراهي ۾ سپريم ڪورٽ جي 3 رڪني بينچ اليڪشن ڪميشن طرفان پنجاب ۾ چونڊن نظر ثاني ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي

تفصيلي فيصلي جي روشني ۾ ايڊيشنل گرائونڊ تي دليل ڏيڻ جي لاءِ هڪ هفتي جو وقت گهرجي : اليڪشن ڪميشن جو وڪيل

اسان اوهان کي وقت نٿا ڏئي سگهون (چيف جسٽس) قانون ۾ ترميم کان پوءِ چونڊن جي تاريخ ڏيڻ جو اختيار اليڪشن ڪميشن کي ملي ويو آهي :اليڪشن ڪميشن جو وڪيل

اهو سوال اسان جي سامهون موجود نه آهي، تاريخ ڪير ڏيندو. اسان هن وقت نظرثاني درخواست ٻڌي رهيا آهيون : جسٽس منيراختر جا ريمارڪس

جتي آئين جي ڀڃڪڙي ٿيندي سپريم ڪورٽ ايڪشن ڪٽندي اليڪشن ڪميشن جي وڪيل کي ٻڌي ورتو : چيف جسٽس جا ٻڌڻي دوران ريمارڪس

اسلام آباد (م د) سپريم ڪورٽ آف پاڪستان پنجاب چونڊن بابت اليڪشن ڪميشن جي درخواست کي رد ڪري ڇڏيو آهي. چيف جسٽس آف پاڪستان جسٽس عمر عطا بنديال جي سربراهي ۾ سپريم ڪورٽ جي 3 رڪني بينچ اليڪشن ڪميشن طرفان پنجاب ۾ چونڊن نظر ثاني ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي جنهن ۾ اليڪشن ڪميشن سپريم ڪورٽ کان هڪ هفتي جو وقت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

اسلام آباد: صدر ڊاڪٽر عارف علوي بورڊ آف گورنرس جي اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي

ڪراچي: حليم عادل شيخ 9 مئي سانحي ڪيس ۾ ضمانت ملڻ کان پوءِ هڪ ٻئي ڪيس ۾ گرفتار

پوليس حليم عادل شيخ کي گذريل ڏينهن سنڌ هاءِ ڪورٽ جي ٻاهران گرفتار ڪيو هو

ضمانت ملڻ کان پوءِ عدالت مان نڪرندي ئي پريڊي ٿاڻي جي پوليس حليم عادل شيخ کي هڪ نئين ڪيس ۾ گرفتار ڪري ورتو

حليم عادل شيخ خلاف گذريل ڏينهن پريڊي ٿاڻي ۾ ڪيس داخل ڪيو ويو هو: پوليس

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي پوليس پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻ حليم عادل شيخ کي دهشتگردي جي انسداد واري عدالت مان ضمانت ملڻ کان پوءِ هڪ ٻئي ڪيس ۾ گرفتار ڪري ورتو آهي. پوليس حليم عادل شيخ کي گذريل ڏينهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

ضمانت ملڻ باوجود پوليس پاران حليم عادل شيخ کي ٻيهر گرفتار ڪيو ويو آهي

پي ٽي آءِ چيئرمين کي پٽن سان ٽيليفون تي ڳالهائڻ جي اجازت ملي وئي

قاسم ۽ سليمان سان ٽيليفون تي ڳالهه ٻولهه جي لاءِ درخواست داخل ڪئي وئي هئي

سيڪريٽ ايڪٽ عدالت جي جج ابوالحسنات ذوالقرنين پي ٽي آءِ چيئرمين جي درخواست منظور ڪري ورتي

اسلام آباد (م د) سيڪريٽ ايڪٽ جي تحت قائم ڪيل خصوصي عدالت پاڪستان تحريڪ انصاف جي چيئرمين عمران خان کي پٽن سان ٽيليفون تي ڳالهائڻ جي اجازت ڏني وئي، پي ٽي آءِ چيئرمين پنهنجي وڪيل عمر نيازي ۽ شيراز احمد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

بجلي جا 400 يونٽ استعمال ڪندڙن کي رليف ڏيڻ جو فيصلو

بجلي جي بلن جي ادائيگي ۾ سهوليت ڏيڻ جي به تجويز آءِ ايم ايف جي حوالي ڪئي وئي آهي : ذريعا

ڊٻل پلان جي تحت صارف کي بجلي جا بل قسطن ۾ ادا ڪرڻ جي سهوليت ڏيڻ جي تجويز آهي

آءِ ايم ايف طرفان راضپو ظاهر ڪيو ويو ته ٻن مهينن جي لاءِ معاهدو ٿي سگهي ٿو

اسلام آباد (م د) حڪومت بجلي جي بلن ۾ رليف جي باري ۾ جامع پلان آءِ ايم ايف سان شيئر ڪري ڇڏيو آهي. 400 يونٽ استعمال ڪندڙن کي رليف ڏيڻ جو پلان غور هيٺ آهي. ذريعن موجب پلان جي تحت بجلي جي بنيادي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

سکر: بجلي، گئس ۽ پيٽرول جي اگهن ۾ واڌ خلاف واپاري تنظيمن جي سڏ تي شٽربند هڙتال

شهر جي صرافه بازار، شهيد گنج، اناج مارڪيٽ، غريب آباد، ڪپڙا مارڪيٽ سميت ٻين بازارن ۾ ڪاروبار بند رهيو

حڪومت جي غلط ۽ عوام دشمن پاليسين جي ڪري ملڪ جو عوام عذاب ڀوڳي رهيو آهي : اڳواڻ

بجلي، گئس، پيٽرول ۽ عام شين جا اگهه ايترا ته وڌي ويا آهن جو عام ماڻهو پريشانين ۾ مبتلا ٿي ويو آهي

سکر (رپورٽر) سکر ۾ بجلي، گئس، پيٽرول ۽ عام واهپي جي شين جي اگهن ۾ واڌ خلاف واپاري تنظيمن جي سڏ تي شٽر بند هڙتال ڪئي وئي. جنهن سبب ڪاروبار مڪمل طور بند رهيو واپاري اڳواڻن سول نافرماني جو اعلان ڪري ڇڏيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

سکر: بجلي، گئس ۽ پيٽرول جي اگهن ۾ واڌ خلاف واپاري احتجاج ڪندي، ٻئي پاسي شٽربند هڙتال جو ڏيک

جيئي سنڌ محاذ جي چيئرمين
جي صدارت هيٺ سنڌ رهبر
ڪميٽي جو اهم اجلاس

حيدرآباد (رپورٽر) جيئي سنڌ رهبر ڪميٽي جو اجلاس سخي ستار ڏنو چرلياڻي هائوس تي جيئي سنڌ محاذ جي چيئرمين ۽ رهبر ڪميٽي جي ڪنوينر رياض علي چانڊيو جي صدارت هيٺ ٿي گذريو جنهن ۾ جسقم اڳواڻ ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي، جسقم آريسر جي چيئرمين اسلم خيرپوري، /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

سنڌ انٽرپرائز ڊيولپمينٽ فنڊ ۽ پاڪستان موبائل ڪميونيڪيشنز لميٽيڊ وچ مفاهمت جي ياداشت تي صحيحون

ايم او يو تي صحيحن جي تقريب ۾ سنڌ حڪومت جي سيڙپڪاري جي سيڪريٽري تميزالدين کيڙو ۽ ٻيا شريڪ

سنڌ ۾ هڪ ترقي يافته ڪاروبار ڪندڙ کي ماحولياتي نظام کي هٿي وٺرائيندو: خضر پرويز

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ ۾ مائيڪرو، سمال ۽ ميڊيم انٽرپرائزز (SMEs) جي ترقي ۽ هٿي وٺرائڻ لاءِ سنڌ انٽرپرائزز ڊيولپمينٽ فنڊ (SEDF) ۽ پاڪستان موبائل ڪميونيڪيشنز لميٽيڊ (PMCL) برانڊ نالي JAZZ، اڄ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

ايمان مزاري کي اسلام آباد کان ٻاهر ڪٿي وڃڻ ۽ تازن ڪيسن ۾ گرفتار نه ڪرڻ جي حڪم ۾ واڌ

ايمان مزاري جي ڪيسن جي تفصيلن جي فراهمي ۽ حفاظتي ضمانت جي درخواست تي ٻڌڻي اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ ٿي

ٻڌڻي جسٽس ميان گل حسن اورنگزيب جي آڏو ٿي جنهن ۾ گهرو وزارت جون اختياريون عدالت جي سامهون پيش ٿيون

ڇا اوهان ايمان مزاري جي خلاف صوبن ۾ داخل ڪيسن جا تفصيل گهرايا آهن؟ عدالت جو پڇاڻو

ايڊووڪيٽ ايمان مزاري کي اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ پيشي لاءِ آندو پيو وڃي

اسلام آباد (م د) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ايڊووڪيٽ ايمان مزاري کي اسلام آباد کان ٻاهر ڪٿي وڃڻ کان روڪڻ جي حڪم ۾ سومر تائين واڌ ڪري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

ڪراچي ۾ کير جو وڪرو بند ڪرڻ جو اعلان

آل ڪراچي ملڪ ريٽيلرز ويلفيئر ايسوسيئيشن کير جا اگهه وڌائڻ لاءِ پريس ڪلب تي احتجاج ڪيو

سومر کان ڪراچي ۾ کليل کير جو وڪرو بند ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو

ڪراچي (رپورٽر) آل ڪراچي ملڪ ريٽيلرز ويلفيئر ايسوسيئيشن طرفان سومر کان ڪراچي ۾ کليل کير جو وڪرو بند ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو آهي. آل ڪراچي ملڪ ريٽيلرز ويلفيئر ايسوسيئيشن کير جا اگهه وڌائڻ لاءِ پريس ڪلب تي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

ترقياتي ڪمن ۾ معيار تي ڪو به سمجهوتو نه ڪيو ويندو: مبين جمالي

سنڌ ۾ اربين رپين جون 150 اسڪيمون وقت تي مڪمل ڪيون وڃن

مليرايڪسپريس وي جو منصوبو عوام، واپارين ۽ صنعتڪارن لاءِ تحفو آهي

ڪراچي (رپورٽر) نگران صوبائي مڪاني ادارن واري وزير محمد مبين جمالي چيو آهي ته صوبي ۾ پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ ۽ ميگا پروجيڪٽ تحت هلندڙ ترقياتي ڪمن ۾ معيار تي ڪو به سمجهوتو نه ڪيو ويندو. ڪراچي سميت اندرون سنڌ ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

ڪراچي ۾ ٽڪ بندين جو فائدو ايم ڪيو ايم، نقصان پ پ کي ٿي سگهي ٿو: راڻا ثناءالله

اها قومي خوشقسمتي آهي ته سڀني جو آدمشماري تي اتفاق ٿيو، سڀني کي خبر هئي ته آدمشماري کان پوءِ ٽڪ بنديون ٿيون آهن

سياسي طور تي جيڪڏهن هاڻ ڪنهن کي ڪو به ٻيو نعرو وڌيڪ مناسب لڳي ٿو ته اهو لڳايو

ايم ڪيو ايم کي آدمشماري بابت خدشا هئا هاڻ فائدو به انهن پهچي رهيو آهي : اڳوڻو وفاقي گهرو وزير

لاهور (م د) مسلم ليگ (ن) پنجاب جي صدر ۽ اڳوڻي گهرو وزير راڻا ثناءالله چيو آهي ته ڪراچي ۾ آدمشماري کان پوءِ سيٽون وڌيون آهن جنهن جو فائدو ايم ڪيو ايم کي پهچي سگهي ٿو نجي چينل سان ڳالهيون ڪندي راڻا ثناءالله چيو ته اها قومي خوشقسمتي آهي ته سڀني جو آدمشماري تي اتفاق ٿيو، سڀني کي خبر هئي ته آدمشماري کان پوءِ ٽڪ بنديون ٿيون آهن. سياسي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

لاهور: مسلم ليگ (ن) پنجاب جو صدر ۽ اڳوڻو گهرو وزير راڻا ثناءالله (فائيل فوٽو)

بل ادا نه ڪندڙ علائقن ۾ هاڻ لوڊشيڊنگ فيڊرز مان نه ٽرانسفارمر مان ڪئي ويندي: نيپرا

فيڊر مان بجلي بند ڪرڻ تي سڄو علائقو بجلي کان محروم ٿيندو آهي

فيڊر مان بجلي بند ٿيڻ اهو صارف به متاثر ٿئي ٿو جيڪو پورو بل جمع ڪرائيندو آهي

اسلام آباد (م د) نيپرا بل ادا نه ڪندڙ علائقن ۾ لوڊشيڊنگ جي عذاب کان بچائڻ لاءِ وڏو فيصلو ڪري ڇڏيو آهي. هاڻ بل ادا نه ڪندڙ علائقن ۾ لوڊشيڊنگ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

پوليس جو شڪي ڪردار، فاطمه ڦرڙو ڪيس جي پيروي ڪندڙ وڪيل وڏا سوال اٿاري ڇڏيا

رانيپور پوليس جوابدار پير اسد شاهه کي شاهي مهمان طور رهائي ويٺي آهي :ايڊووڪيٽ صفدر ڪناسرو

جوابدار جي موبائيل جو پن ڪوڊ ايڏو وڏو اشو ناهي جو پوليس اها موبائيل کولي نٿي سگهي

رانيپور (رپورٽر) شهيد فاطمه ڦرڙو جي ڪيس جي خيرپور جي دهشتگردي ٽوڙ عدالت ۾ پيروي ڪندڙ سينيئر ايڊووڪيٽ صفدر علي ڪناسرو پوليس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

اسلام آباد: نگران وفاقي وزير محمد علي سينيٽ چيئرمين صادق سنجراڻي سان ملاقات ڪري رهيو آهي

پي ٽي آءِ اٽڪ جيل ۾ سائفر ڪيس جي ٻڌڻي قبول ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو

پي ٽي آءِ چيئرمين جي خلاف اٽڪ جيل ۾ سائفر ڪيس جي ٻڌڻي قبول نه آهي : ڪور ڪميٽي

اڳوڻي وزيراعظم کي آزادانه ۽ منصفاڻي ٽرائيل کان محروم ڪيو پيو وڃي

اسلام آباد (م د) پي ٽي آءِ جي ڪور ڪميٽي پارٽي چيئرمين عمران خان خلاف اٽڪ جيل ۾ سائفر ڪيس جي ٻڌڻي قبول ڪرڻ کان انڪار ڪري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

ڪي اليڪٽرڪ جو لائسنس رينيو نه ڪيو وڃي : ڪامران ٽيسوري

آرمي چيف پڪو پهه ڪري ڇڏيو آهي ته معاشي دهشتگردي جو مقابلو ڪنداسين

بجلي مهانگي ٿيڻ وڏو الميو آهي گهر ڪريان ٿو ته ڪي اليڪٽرڪ جو لائسنس رينيو نه ڪيو وڃي

ڪامران ٽيسوري

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي گورنر ڪامران ٽيسوري وفاقي حڪومت کان ڪي اليڪٽرڪ کي ٽيڪ اوور ڪرڻ جي گهر ڪندي چيو ته ڪي اليڪٽرڪ جي لائسنس جي رينيو نه ڪئي وڃي خاص ڳالهه ٻولهه ڪندي ڪامران ٽيسوري چيو ته آرمي چيف پڪو پهه ڪري ڇڏيو آهي ته معاشي دهشتگردي جو مقابلو ڪنداسين آرمي چيف آئي ٽي سيڪٽر ۽ زرعي سيڪٽر ۾ تمام گهڻي دلچسپي ورتي ۽ يقيني بڻايو ته سيڙپڪارن جو اعتماد بحال ٿئي هن چيو ته بجلي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

قمبر ۾ گهرو اٿبٽ تان نائي جي فائرنگ، سهرو ۽ زال قتل، سالو زخمي

ڳوٺ دوست محمد چانڊيو ۾ گهرو اٿبٽ تان نائي جي فائرنگ ۾ سهرو ۽ زال قتل ٿي ويا

مزن چانڊيو گهرو اٿبٽ تان فائرنگ ڪري سهري محبوب چانڊيو کي قتل ڪري ڇڏيو

لاڙڪاڻو (رپورٽر) قمبر پرسان مهي مڪرل ٿاڻي جي حد ڳوٺ دوست محمد چانڊيو ۾ گهرو اٿبٽ تان نائي جي فائرنگ ۾ سهرو ۽ زال قتل ٿي ويا. جڏهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

پاڪستان مهانگائي جي معاملي ۾ نائيجيريا کان به اڳتي نڪري ويو

پاڪستان ۾ مهانگائي جي شرح ۾ لاڳيتو واڌ ٿي آهي : رپورٽ

نائيجيريا ۾ مهانگائي جي شرح 24.08 سيڪڙو ۽ لائوس ۾ 27.8 سيڪڙو آهي

اسلام آباد (م د) عالمي اقتصادي ميگزين ٽريڊنگ اڪنامڪس ۾ جاري ٿيندڙ رپورٽ موجب پاڪستان مهانگائي سبب متاثر ملڪن ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

فاطمه ڦرڙو واقعي کانپوءِ ماڻهن ۾ خوف، راڻي پور شهر جون بازارون ويران

پير جي حويلي ۾ پيش آيل افسوسناڪ واقعي کانپوءِ ماڻهن ۾ خوف جي لهر ڇانئجي وئي

بازارون ويران آهن ۽ دڪاندارن جي چهري تي مايوسي ڇانيل آهي

رانيپور (رپورٽر) ننگري فاطمه ڦرڙو جي قتل واري واقعي کانپوءِ راڻي پور شهر جون بازارون ويراني جو ڏيک ڏيڻ لڳيون ۽ ڪاروبار ٺپ ٿي ويو آهي. پير /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 32

نگران وزيراعظم بجلي بلن ۾ رليف بابت وڏو اعلان ڪري ڇڏيو

مايوسي پکيڙڻ درست ناهي، ايندڙ 48 ڪلاڪن ۾ رليف جو اعلان ڪنداسين : انوارالحق ڪاڪڙ

سڀني ادارن کي مفت بجلي جي استعمال بابت پڇاڻو ڪيو ويو، بجلي جا بل ڏيڻا پوندا، آءِ ايم ايف معاهدي تي عمل ڪنداسين

پي پيز، لائن لاسز ۽ چوري سبب بجلي مهانگي آهي، حڪومت پنهنجو گهڻو وقت بجلي جي اگهن جي معاملي تي لڳايو آهي

اسلام آباد: نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ صحافين سان ڳالهائي رهيو آهي

اسلام آباد (م د) نگران وزيراعظم انوار الحق ڪاڪڙ چيو آهي ته بجلي بلن جي مسئلي کي وڏائي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

رپئي جي بي قدري
جو سلسلو جاري،
ڊالر وڌيڪ مهانگو

ڪراچي (م د) ملڪ ۾ رپئي جو اگهه گهٽجڻ ۽ ڊالر جي اوچي اڏام جو سلسلو جاري آهي، آگسٽ مهيني /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

واپارين پاران اڄ بجلي جي بلن ۾ واڌ خلاف سڄي ملڪ ۾ شٽر ڊائون هڙتال جو اعلان

سڀ کان وڌيڪ ٽيڪس ڪمرشل بجلي جي بلن ۾ لڳايو پيا وڃن : ل پاڪستان انجمن تاجران جو صدر اجمل بلوچ

واپاري برادري اڄ ڪاروباري سرگرميون مڪمل طور بند رکندي

طرف ملڪ جي مختلف شهرن ۾ اڄ به بجلي جي بلن جي واڌ خلاف شهرين احتجاج ڪيو

ڪراچي (م د) آل پاڪستان انجمن تاجران پاران بجلي جي بلن ۾ واڌ خلاف اڄ سڄي ملڪ ۾ شٽر ڊائون هڙتال جو اعلان ڪيو ويو آهي آل پاڪستان انجمن تاجران جي صدر اجمل بلوچ هڙتال جو اعلان ڪندي چيو ته سڀ کان وڌيڪ ٽيڪس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

مهانگي بجلي خلاف ملڪ جي مختلف شهرن ۾ احتجاجي مظاهرا، ڌرڻا، شٽربند هڙتال

بجلي جي اضافي بلن خلاف ڪراچي ۾ واپارين طرفان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

مظاهرين طرفان احتجاج دوران بجلي جي بلن کي باهيون ڏئي انتظاميا خلاف سخت نعريبازي ڪئي وئي

پشاور ۾ واپارين طرفان بجلي جي بلن خلاف شٽربند هڙتال جو اعلان ڪيو ويو

اسلام آباد: مهانگي بجلي خلاف ملڪ جي مختلف شهرن ۾ احتجاجي مظاهرا ڪيا پيا وڃن

اسلام آباد (م د) مهانگي بجلي جي خلاف ملڪ جي مختلف شهرن ۾ شٽربند هڙتال، احتجاجي مظاهرن ۽ ڌرڻن جو سلسلو جاري آهي، جڏهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

سون جي قيمت ۾ تيزيءَ
سان واڌ، اڄ به هزارين
رپيا مهانگو ٿي ويو

ڪراچي (م د) ملڪ ۾ سون جي قيمت ۾ واڌ جو سلسلو جاري آهي. آل پاڪستان جيمز اينڊ جيولرز /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

جيلن ۾ قيد عورتن سان بهتر سلوڪ کي يقيني بڻايو وڃي: سيد اعجاز شاهه

تربيتي نصاب ۾ جيل اسٽاف لاءِ صنفي حساسيت جي تربيت کي شامل ڪرڻ جي تجويز ڏني وڃي

عورتن کي سنگين مسئلن کان گذرڻو پوندو آهي جن ۾ جسماني، ذهني ۽ سڀ کان وڌيڪ خانداني مسئلن سميت جيلن ۾ پيدا ٿيندڙ ٻار آهن

سمورن جيلن ۾ صنفي حساسيت جي تربيت کي دستياب ڪرڻ جي اشد ضرورت آهي

ڪراچي (رپورٽر) صوبائي گهرو سيڪريٽري سيد اعجاز علي شاهه آءِ جي جيل کي چيو آهي ته سنڌ جي سمورن جيلن جي تربيتي نصاب ۾ جيل اسٽاف لاءِ صنفي حساسيت جي تربيت کي شامل ڪرڻ جي تجويز ڏني وڃي ته جيئن جيلن ۾ قيد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

حڪومت کي گهرجي ته هو سمورن فرقن جي حقن جي برابر ادائگي جي لاءِ قدم کڻي: برگيڊيئر (ر) حارث نواز

پاڪستان جو آئين ملڪ ۾ سمورن مذهبن ۽ فرقن کي مذهبي رسمون ادا ڪرڻ جي مڪمل آزادي ڏئي ٿو

چلم حضرت امام حسين ع جي موقعي تي سيڪيورٽي جا غير معمولي انتظام ڪيا پيا وڃن

انٽيليجنس کي وڌائڻ سان گڏ مرڪزي مسجدن، امام بارگاهن، مزارن، درگاهن جي سيڪيورٽي سخت ڪئي وڃي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي نگران گهرو وزير برگيڊيئر (ر) حارث نواز چيو آهي ته پاڪستان جو آئين ملڪ ۾ سمورن مذهبن ۽ فرقن کي مذهبي رسمون ادا ڪرڻ جي مڪمل آزادي ڏئي ٿو ۽ ان حوالي سان نگران حڪومت کي گهرجي ته هو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

اسلام آباد: نگران وفاقي وزير احمد عرفان عاصم سان آسٽريلين هاءِ ڪمشنر ملاقات ڪري رهيو آهي

ڇا هاڻ وڻڪاري مهم ۽ مڇرمار
ڦوهارو به عدالت ڪرائي؟ جسٽس
احمد علي شيخ ڪاوڙجي پيو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ ماحول جي بهتري لاءِ وڻڪاري مهم شروع ڪرڻ جي درخواست نه ٻڌڻي جوڳي قرار ڏيندي رد ڪري ڇڏي. چيف جسٽس احمد علي شيخ ريمارڪس ڏنا ته ڇا هاڻ وڻڪاري مهم به عدالت شروع ڪرائيندي. مڇرمار ڦوهارو به عدالت ڪري؟ سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ ماحول جي بهتري لاءِ وڻڪاري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

سنڌ جي نگران صحت واري وزير زهريلي لسي پيئڻ سان 4 ماڻهن جي فوتگي جو نوٽيس ورتو

ڊاڪٽر سعد خالد نياز ڊي جي صحت سنڌ ڊاڪٽر ارشاد ميمڻ کان واقعي بابت تفصيل طلب ڪري ورتي

واقعي جي جاچ ۽ زنده بچي وڃڻ وارن ماڻهن کي سموريون طبي سهولتون فراهم ڪرڻ جي هدايت

ٻن ٻارڙن سميت ڇهن ڄڻن جون حياتيون خطري کان ٻاهر آهن: ڊائريڪٽر جنرل هيلٿ سنڌ ڊاڪٽر ارشاد ميمڻ

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي صحت، پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ۽ سماجي ڀلائي کاتن واري صوبائي وزير ڊاڪٽر سعد خالد نياز قمبر شهداد ڪوٽ ۾ زهريلي لسي پيئڻ سبب 4 ڄڻن جي فوت ٿيڻ ۽ 7 ڄڻن جي حالت خراب ٿيڻ جو نوٽيس وٺندي ڊائريڪٽر جنرل صحت سنڌ ڊاڪٽر ارشاد ميمڻ کان رپورٽ طلب ڪئي آهي. ڊي جي صحت سنڌ نگران صحت واري وزير کي ٻڌايو ته افسوسناڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

عوام کي بجلي جي بلن تي رليف ڪيئن ڏنو وڃي؟ پاڪستان پلان آءِ ايم ايف سان شيئر ڪري ڇڏيو

سڌو سنئون آءِ ايم ايف اختيارين سان ڳالهيون نه ڪيون آهن : ڊاڪٽر شمشاد اختر

پاڪستان طرفان هڪ ٽيم عالمي اداري جي اختيارين سان ڳالهيون ڪيون آهن

2023_24 ع جي بجيٽ ۾ هنگامي بنيادن تي 250 ارب روپيه رکيا ويا هئا : ناڻي واري وزارت

اسلام آباد (م د) پاڪستان مهانگي بجلي جي حوالي سان ملڪي صارفين کي رليف ڏيڻ لاءِ آءِ ايم ايف سان هڪ پلان شيئر ڪري ڇڏيو آهي ۽ ان سان گڏ ٿي اهو يقين ڏياريو ويو آهي ته عالمي اداري جي مقرر ڪيل حدفن جي ڀڃڪڙي نه ٿيندي. نگران ناڻي واري وزير ڊاڪٽر شمشاد اختر چيو آهي ته هن سڌو سنئون آءِ ايم ايف اختيارين سان ڳالهيون نه ڪيون آهن. پاڪستان طرفان هڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

اسلام آباد: نگران وفاقي گهرو وزير سرفراز بگٽي اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي

سنڌ جي نگران صحت واري وزير ڊاڪٽر سعد نياز
سان قومي ڪميٽي فار ميٽرنل اينڊ نيو بورن هيلٿ
(اين سي ايم اين ايڇ) جي وفد جي ملاقات

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي نگران وزير صحت، پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ اينڊ سوشل ويلفيئر ڊاڪٽر سعد نياز سان سندس آفيس ۾ نيشنل ڪميٽي فار ميٽرنل اينڊ نيو بورن هيلٿ (اين سي ايم اين ايڇ) جي ڊاڪٽر سعديه احسن، ڊاڪٽر عذرا احسن ۽ ڊاڪٽر مريم تي مشتمل وفد ملاقات ڪئي. ان موقعي تي سنڌ جو صحت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 33

ڏهرڪي: اسسٽنٽ ڪمشنر پاران تعمير ٿيندڙ روڊ جو دورو ڪري ڪم جو جائزو

اسسٽنٽ ڪمشنر لاڳاپيل عملدارن کي ترقياتي اسڪيمن جي معيار کي بهتر کان بهتر بڻائڻ جي هدايت ڪئي

هلندڙ ترقياتي اسڪيمن جي ڪم جو معيار بهتر کان بهتر ڪيو وڃي: اسسٽنٽ ڪمشنر ردا زهرا ٽالپر

ناقص مٽيريل استعمال ڪيو ويو ته لاڳاپيل انجنيئر توڙي ٺيڪيدار خلاف رپورٽ فراهم ڪئي ويندي

ڏهرڪي (رپورٽر) اسسٽنٽ ڪمشنر ردا زهرا ٽالپر سول اسپتال کان دادن خان مهر چوڪ تائين تعمير ٿيندڙ روڊ جو دورو ڪري ڪم جو جائزو ورتو، لاڳاپيل عملدارن کي ترقياتي اسڪيمن جي معيار کي بهتر کان بهتر بڻائڻ جي هدايت ڪئي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

ڏهرڪي: اسسٽنٽ ڪمشنر ترقياتي ڪم جو جائزو وٺي رهي آهي

بوزدارواڍا پوليس عورت کي ڏيڍ ڪلو چرس سميت گرفتار ڪري ورتو

ٽالپرواڍا (بيورو) بوزدارواڍا پوليس پاران دوران گشت بوزدارٽري روڊ تان مبينہ طور عورت کي ڏيڍ ڪلو چرس سميت گرفتار ڪرڻ جي دعواسرڪار جي فرياد تي ڪيس داخل خبر موجب بوزدارواڍا پوليس دوران گشت بوزدارٽري روڊ تان سيال موڙ وٽ دوران گشت مبينہ طور منشيات فروش عورت (گ) کي ڏيڍ ڪلو چرس سميت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

جاتي: شاخن ۾ پاڻي ڪوٽ جي سبب ساحلي پٽي ۾ ڏڪار واري صورتحال

هارين زميندارن مالوند مارو ئڙن پاران برسات لاءِ استسقاءِ نماز پڙهي دعا گهريون

آبپاشي کاتي وارن اسان کي تباهہ ڪري ڇڏيو آهي، نوٽيس وٺي انصاف ڏياريو وڃي: اڳواڻ

جاتي (رپورٽ ممتازعلي نهڙيو) تعلقي جاتي کي زرعي پاڻي فراهم ڪندڙ شاخن ۾ پاڻي ڪوٽ جي سبب ساحلي پٽي ۾ ڏڪار واري صورتحال خشڪ سالي جي صورتحال پيدا ٿيڻ تي آبادگارن ۽ ساحلي پٽي جي علائقن جي هارين زميندارن مالوند مارو ئڙن پاران برسات لاءِ استسقاءِ نماز پڙهي پاڻي جي واڌاري ۽ برسات لاءِ دعائون گهريون ويون تفصيلن موجب سنڌ جي ساحلي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

اسلام ڪوٽ ۾ امڪاني شراب خاني خلاف شهري ۽ مذهبي ڌرين روڊن تي نڪري آيون، ڌرڻو

مذهبي اڳواڻن مولوي تاج محمد مفتي عبدالغني ميمڻ مفتي رفيق بجير ۽ ٻين جي اڳواڻيءَ ۾ احتجاج ڪيو ويو

پرامن شهر کي منشيات فروشن جي رحم ڪرم تي ڇڏيو ويو آهي، منشيات فروشن کان ڪير پڇڻ وارو ناهي: اڳواڻ

مذهبي عبادتگاهن ۽ مسلم ڪالونين جي وچ ۾ شراب خانو ڪنهن بہ صورت ۾ کولڻ نہ ڏينداسين

اسلام ڪوٽ (رپورٽر) اسلام ڪوٽ شهر ۾ ڪلندڙ امڪاني شراب خاني خلاف شهري توڙي مذهبي ڌرين روڊن تي نڪري آيون ريلي ڌرڻو. مذهبي اڳواڻن مولوي تاج محمد مفتي عبدالغني ميمڻ مفتي رفيق بجير ۽ ٻين جي اڳواڻيءَ ۾ سوين ماڻهن ريلي بعد ٿائون موڙ تي ڌرڻو هڻي روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو. پر امن شهر کي منشيات فروشن جي رحم ڪرم تي ڇڏيو ويو آهي ماڻهو بک /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

اسلام ڪوٽ: امڪاني شراب جي گٽي خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

سکر: بيسڪ هيلٿ يونٽ پنڌي ۾ پي پي ايڇ آءِ پاران مقرر ليڊي ڊاڪٽرياڻي غريب عورتن لاءِ عرصي کان آزار بڻيل

سکر (بيورو رپورٽ) بيسڪ هيلٿ يونٽ پنڌي ۾ پي پي ايڇ آءِ پاران مقرر ليڊي ڊاڪٽرياڻي غريب عورتن لاءِ عرصي کان آزار بڻيل. اسپتال ۾ ٻن سون کان وڌيڪ او پي ڊي هجڻ باوجود اعلا اختيارن جي بيڌياني سبب پنڌي سميت ويهن ڳوٺن جو عوام علاج جي بهتر سهولتون کان محروم آهي. تفصيل موجب روهڙي تعلقي جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

ٽنڊو محمد خان جي نجي اسپتال ۾ مبينا زيادتي جو انڪشاف

ڊاڪٽر پاران گڙدن جي مريض عورت سان زيادتي، عورت کي نازڪ حالت ۾ حيدرآباد اسپتال نيو ويو

عملي ۽ ڊاڪٽرن نشي دار انجيڪشن هڻي پيڻ کي بيهوش ڪري ساٽس ڏاڍائي ڪئي آهي: ياءُ

ڀيڻ کي نازڪ حالت ۾ 1122 ريسڪيو تحت حيدرآباد روانو ڪيو ويو آهي، انصاف ڏياريو وڃي

ٽنڊو محمد خان (ڊ ر مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد خان جي نجي اسپتال ۾ مبينا زيادتي جو انڪشاف ٿيو آهي تہ ڊاڪٽر پاران گڙدن جي مريض عورت سان مبيناني طور زيادتي عورت مريضا کي نازڪ حالت ۾ حيدرآباد اسپتال نيو ويو آهي خبر موجب ٽنڊومحمدخان جي پيپلز ڪالوني رهواسڻ 25 سالا نينگري سيما سومرو گڙدن جي بيماري ۾ مبتلا هئي، جنهن سان ڊاڪٽر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

سکر ۾ ايڊيشنل ڪمشنر جي صدارت هيٺ 6 سيپٽمبر يوم دفاع بابت اجلاس منعقد

اجلاس ۾ ونگ ڪمانڊر رينجرس، اسسٽنٽ ڪمشنر، ميونسپل ڪمشنر، ايڊيوڪيشن ڊپارٽمينٽ سميت ٻين لاڳاپيل ادارن جي اعليٰ عملدارن شرڪت ڪئي

6 سيپٽمبر يوم دفاع جي پروگرام جو مهمان خاص ميئر سکر ارسلان اسلام شيخ هوندو، پروگرام والڪنگ ٽريڪ ڪمشنر هائوس ۾ منعقد ڪيو ويندو: ايڊيشنل ڪمشنر

يوم دفاع جي نسبت سان ٽيبلوز ۽ ٻين پروگرامن سان گڏ شاگردن جي موجودگي کي يقيني بڻايو وڃي تہ جيئن شاگردن ۾ مملڪت خداداد پاڪستان جي محبت ۽ جذبو اُجاگر ٿي سگهي

سکر (رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) سکر ۾ ايڊيشنل ڪمشنر لياقت علي ڪلهوڙو جي صدارت هيٺ 6 سيپٽمبر يوم دفاع پاڪستان جي انتظامن جي سلسلي ۾ ڊپٽي ڪمشنر آفيس سکر جي ڪانفرنس هال ۾ اجلاس منعقد ڪيو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

دولتپور صفن جي پبلڪ اليمينٽري پبلڪ اسڪول ۾ شاگردن جي مان ۾ شاندار ايوارڊ تقريب

دولتپور صفن (رپورٽر) دولتپور پرسان ڳوٺ چگل سهتو ۾ سيف جي تعاون سان هلندڙ شان پبلڪ اليمينٽري پبلڪ اسڪول جي انچارج ارشد علي راهو پاران پهرين کان 8 جماعت جي ساليانی امتحانن ۾ پوزيشن ماڻيندڙ شاگردن جي مان ۾ شاندار ايوارڊ تقريب ڪوٺائي وئي جنهن ۾ وڏي انگ ۾ مختلف مڪتب فڪر سان تعلق رکندڙ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

سکر: ايڊيشنل ڪمشنر اجلاس کي خطاب ڪري رهيو آهي

دادو جي عدالت ۾ مسيح برادري جي ناري ۽ گهرڀاتين تي تشدد ۽ موتمار ڌمڪين واري ڪيس جي ٻڌڻي

عدالت جوابدار اختر مسيح ۽ سندس ٽن پٽن آفتاب، آفاق، شعيب ۽ شان نازوارن کي هڪ سال پروبيشن جي سزا ۽ 3_3 هزار روپيا ڏنڊ جو فيصلو ٻڌايو

6 مهينا اڳ جوابدارن نوجوان ناري مسمات شيبا مسيح ۽ گهرڀاتين کي گهر ۾ گهڙي تشدد جو نشانو بڻايو ۽ موتمار اوزارن سان پڻ ڌمڪايو هو

ناري مسمات شيبا جوابدارن خلاف ڪميونٽي لائير ليگل ايڊ سوسائٽي سيده سنبل ڪاظمي معرفت AB 22 جي درخواست داخل ڪئي

دادو (ن سنڌيار) دادو جي عدالت مسيح برادري جي ناري ۽ گهرڀاتين تي تشدد ۽ موتمار ڌمڪين واري ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي، ڪيس ثابت ٿيڻ تي عدالت 5 جوابدارن کي هڪ هڪ سال پروبيشن جي سزا ۽ 3_3 هزار روپيا ڏنڊ جو فيصلو ٻڌائي ڇڏيو فرسٽ سول جج جديشل مئجسٽريٽ دادو عرفان الله ڦل جي عدالت مسمات شيبا مسيح واري ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

نارٿ آمريڪا ۾ رهندي اسان جون دليون سنڌ سان گڏ ڌڙڪن ٿيون: مقبول هاليپوٽو

سانا جي صدر ڊاڪٽر مقبول هاليپوٽي ۽ ڊاڪٽر شاهد قريشيءَ جي مانَ ۾ ڊنر آجياڻي ۾ ڪيو ويو

گل حسن ڪلمتي جي ڪم کي اڳتي وڌائڻ ۽ ان تي تحقيق ڪرڻ جي سخت گهرج آهي: سليم ميمڻ

گل حسن ڪلمتي سنڌ سان پيار ڪندڙ ۽ پنهنجي اندر ۾ سنڌ لاءِ درد رکندڙ محقق ۽ عالم هو

ڪراچي (رپورٽر) شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر ۽ ڪراچي يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي پاران سانا جي صدر ڊاڪٽر مقبول هاليپوٽي ۽ ڊاڪٽر شاهد قريشيءَ جي مانَ ۾ ڊنر آجياڻي ۾ ڪيو ويو. ان تقريب ڪوٺائڻ جو خاص مقصد گل حسن ڪلمتيءَ کي سانا پاران اعلان ڪيل ايوارڊ ۽ گل حسن لاءِ سانا جي ڪنوينشن ۾ گڏ ڪيل رقم جو چيڪ گل حسن ڪلمتيءَ جي نياڻي ماهين/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

ميرپورخاص ضلعي جون سموريون بازارون اڄ مڪمل بند رهنديون: عبدالجبار خان

ميرپورخاص (رپورٽر) ميرپورخاص جمعي تي ميرپورخاص ضلعي جون سموريون بازارون مڪمل بند رهنديون. ان موقعي تي مرڪزي صدر عبدالجبار خان سپاڻي صحافين سان ڳالهائيندي وڌيڪ چيو تہ هو مهانگائي ۽ بجلي جي اضافي بلن خلاف پهرين سيپٽمبر تي شٽر ڊائون هڙتال جو اعلان ڪري رهيا آهن. جمعي تي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

ڪراچي: تقريب دوران اڳواڻ ڪتاب ڏئي رهيا آهن

چهلم جي موقعي تي ملڪ ۾ امن امان برقرار رکيو ويندو: ڊپٽي ڪمشنر ميرپورخاص

حضرت امام حسين عليہ السلام ۽ سندن بهادر ساٿين اسلام جي سربلندي لاءِ پنهنجون جانيون قربان ڪري سچي سنڌ جي جان بچائي

حضرت امام حسين (ع) جي عرس بابت سمورن مسئلن جي فوري حل لاءِ ڊپٽي ڪمشنر آفيس ۾ هڪ ڪنٽرول روم قائم ڪيو ويندو

مان انهن جي پاڻ نگراني ڪندس، عالمن ۽ عالمن کي پابند ڪيو وڃي تہ هو جلسن جي دوران گستاخي ۽ اشتعال انگيز بيانن کان پاسو ڪن

ميرپورخاص (بيورو رپورٽ) سيد الشهداءِ حضرت امام حسين (ع) جي چهلم جي موقعي تي ملڪ ۾ امن امان برقرار رکيو ويندو. چاڪاڻ تہ حضرت امام حسين عليہ السلام ۽ سندن بهادر ساٿين اسلام جي سربلندي لاءِ پنهنجون جانيون قربان ڪري سچي سنڌ جي جان بچائي. انسانيت.. اهڙن خيالن جو اظهار ڊپٽي ڪمشنر ميرپورخاص نور مصطفيٰ لغاري چلم حضرت امام حسين عليہ السلام /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

نئون ڪوٽ ۾ پڻ هندو برادري پاران رکشا بندن ملهايو ويو

هندو برادري جي ڀينرن پنهنجي ڀائرن جي هٿن ۾ راکي ٻڌي

ڀائرن جي وڏي ڄمار لاءِ مندرن ۾ پوڄا پاٺ ڪئي ويندي آهي

نئون ڪوٽ (رپورٽر) نئون ڪوٽ ۾ پڻ هندو برادري جو مذهبي تهوار رکشا بندن راکي جوش جذبي ۽ احترام سان ملايو ويو هن ڏينهن تي هندو برادري جون ڀيڻون پنهنجي ڀائرن جي هٿن ۾ راکي ٻڌي ڀائرن کان پنهنجي حفاظت جو عهد وٺنديون/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

معصوم فاطمہ وارو واقعو انتهائي ڏکوئيندڙ آهي: نفيسا شاهہ

واقعي ۾ ملوث جوابدارن کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ آڻي سخت سزا ڏني وڃي

شهيد فاطمہ ڦرڙو جي وارثن کي تحفظ ڏئي سندن مالي سهائتا ڪئي وڃي

خانواهڻ (رپورٽ: عاجز امتياز نوح پوٽو) راڻيپور جي پيراڻي حويليءَ ۾ پير اسد شاهہ جي حويلي ۾ زيادتي بعد بيدرديءَ سان تشدد ڪري قتل ڪيل خانواهڻ پرسان ڳوٺ علي محمد ڦرڙو جي رهواسڻ شهيد فاطمہ ڦرڙو جي وارثن سان سان تعزيتي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

خانواهڻ: پ پ اڳواڻ نفيسہ شاهہ فاطمہ ڦرڙو جي وارثن سان تعزيت ڪري رهي آهي

سکر ۾ واپارين پاران بجلي بلن ۾ واڌ خلاف شٽر بند هڙتال

بجليءَ جون ڪمپنيون آزار آهن، مختلف ٽيڪسز عوام جي کيسن مان ڪڍيو وڃي ٿو: واپاري

سيپڪو وارا بجلي کي چورين پاڻ ڪرائي لوڊ شيڊنگ عام ماڻهن لاءِ ڪن ٿا

سکر (رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) بجلي بلن ۾ واڌ خلاف سموري سنڌ جيان سکر ۾ واپارين طرفان مڪمل شٽر بند هڙتال ۽ بعد احتجاج ڪيو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

ٽنڊو محمد خان ضلعي جي عوام بي يارو مددگار بڻيل

شهر ۾ ڪرپٽ مافيا نظام جو راڄ قائم، غريب مسڪين بي پهچ ماڻهن جو جيئڻ جنجال

سرڪاري اسپتالن ۾ سهولتن جي کوٽ، روزگار نہ هجڻ جي ڪري گهرن ۾ فاقہ ڪشي واري صورتحال

ٽنڊو محمد خان (ڊ ر مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد خان ضلعي جي عوام بي يارو مددگار بڻيل آهي ڪرپٽ مافيا نظام جو راڄ قائم غريب مسڪين بي پهچ ماڻهن جو جيئڻ جنجال بڻيل ضلعي ٽنڊو محمد خان تعليم تباهہ سرڪاري/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

دادو پرسان ڳوٺ خالد پنهور جي رهواسڻ پاران ياءُ جي ظلمن خلاف احتجاج

ياءُ بابا جي پينشن منهنجي نالي تي ڪرائي ڪيترن ئي سالن کان کٽندو هو: نويدان پنهور

اسان کي ياءُ نذير پنهور مان جاني ۽ مالي قسم جي نقصان جو خطرو آهي

دادو (ن سنڌيار) دادو پرسان ڳوٺ خالد پنهور جي رهواسڻ عورت نويدان پنهور سندس ياءُ نذير پنهور خلاف احتجاجي مظاهرو ڪندي ڏانهيو آهي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

دادو: عورت ياءُ جي ظلمن خلاف پريس ڪانفرنس ڪري رهي آهي

حڪومت جون عوام دشمن پاليسيون ڪاٽي آهن: انيل پٽي

پيٽرول، ۽ بجلي جي بلن جي اگهن ۾ واڌ، جڏهن کان عوام مهانگائي جي ورچڙهي ويو آهي

آءِ ايم ايف جو لولي پاپ ڏسي عوام کي چريو بڻائي رهيا آهيون، ڪنٽرول ڪندڙ ادارا ڪٿي آهن

سکر (رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) سياسي سماجي اڳواڻ سردار الاڻي بخش انيل پٽي هن مهانگائي تي هنگامي پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي چيو تہ حڪومت جون عوام دشمن پاليسيون ڪاٽي آهن پيٽرول، ۽ بجلي جي بلن جي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

سجاول ۾ عورتن پاران ايس ايڇ او خلاف احتجاج

اسان جو ڇوڪرو سائيڪل چوري ۾ پوليس گرفتار ڪيو آهي: عورتون

ايس ايڇ او ٻتورو پنجاهہ هزار روپين جي گهر آهي، انصاف ڏياريو وڃي

سجاول (رپورٽ ممتازعلي نهڙيو) سجاول ۾ عورتن پاران ايس ايڇ او خلاف احتجاج، ميرپور ٻتورو رهواسڻ ملاح برادري جون عورتون پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪندي چيو تہ اسان جو ڇوڪرو 15 سالا مقبول ملاح کي سائيڪل چوري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

سجاول: عورتون نوجوان جي گرفتاري خلاف پريس ڪانفرنس ڪري رهيون آهن

ڪراچي ۾ صحافي جيئند خان مستوئي ۽ سندس ياءُ کان ڦر

هٿيار بند موبائل فون 32 هزار روپيا روڪ رقم ۽ ٻيو سامان ڦر ڪري فرار ٿي ويا

ايس ايڇ او ڦر واقعي جا جوابدار گرفتار ڪري ڦرئيل سامان واپس ڏيارڻ جو يقين ڏياريو

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي سچل ٿاڻي جي حد مان 3 نامعلوم هٿيار بند صحافي جيئند خان مستوئيءَ سندس ياءُ کان موبائل فون 32 هزار روپيا روڪ رقم ۽ ٻيو سامان ڦر ڪري فرار ٿي ويا، خبرموجب ڪراچي سچل ٿاڻي جي حد مان 3 نامعلوم/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

يوسي عاقل ۾ مڇرن جو آزار وڌي ويو آهي: جاويد احمد شاهاڻي

اسان اڄ يوسي جي مختلف علائقن ۾ مڇر مار اسپري ڪرائي رهيا آهيون

يونين ڪائونسل جي سمورن ننڍن وڏن ڳوٺن ۾ مڇر مار اسپري ڪرائي ويندي

لاڙڪاڻو (رپورٽر) لاڙڪاڻي جي يونين ڪائونسل عاقل جي چيئرمين جاويد احمد شاهاڻي، وائيس چيئرمين امان الله کهڙو، يوسي سيڪريٽري رياض حسين ڏيٿو ۽ جنرل ڪائونسلر خليل احمد پٿو جي اڳواڻي ۾ يونين ڪائونسل جي مختلف علائقن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

مٺي ۾ ڊسٽرڪٽ ريفارمز اوور سائٽ ڪاميٽي جو اجلاس

مسلسل غير حاضر ملازمن ۽ گهوسٽ ملازمن خلاف شوڪاز نوٽيس جاري ڪيا وڃن: اي سي

مانيٽرنگ سسٽم کي همواري ۽ مضبوط ڪيو وڃي تہ جيئن مسئلن جي صحيح نشاندهي ڪري سگهجي

مٺي (رپورٽر) ٿرپارڪر ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر لعل ڏنو منگي جي هدايت تي ڊسٽرڪٽ ريفارمز اوور سائٽ ڪاميٽي (ڊي آر او سي) جو اجلاس اڄ ڪانفرنس هال ڊي سي آفيس ٿرپارڪر ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر مٺي سنجي ڪمار ترڪو جي صدارت/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

مٺي: اسسٽنٽ ڪمشنر اجلاس کي خطاب ڪري رهيو آهي

نئون ڪوٽ ۾ غيرقانوني طور ايل پي جي جا دڪان قائم، ڪنهن بہ وقت اڻٽندڙ واقعي جو خدشو

علائقن ۾ ايل پي جي جا غيرقانوني دڪان قائم ڪيا ويا آهن جنهن جي ڪري ڪنهن بہ وقت اڻٽندڙ واقعي جو خدشو آهي: رهواسي

ايل پي جي جو دڪان کولڻ سان گڏ اسٽيشن روڊ بس اسٽاپ، سونارا مارڪيٽ ۾ مسافر گاڏين کي سپلائي ڪرڻ لاءِ دڪان کوليا ويا آهن

ڪاروباري مرڪزن تي ايل پي جي گئس سلينڊر کي روڊ تي رکيو ويو آهي جيڪي ڪنهن بہ وقت موت جو ڪارڻ بڻجي سگهن ٿا

نئون ڪوٽ (رپورٽر) نئون ڪوٽ ۾ غيرقانوني طور ايل پي جي جا دڪان قائم. ڪنهن بہ وقت اڻٽندڙ واقعي جو خدشو، علائقي واسي پريشان، خبر موجب نئون ڪوٽ جي مصروف ترين علائقي ۾ غيرقانوني طور ايل پي جي جا دڪان قائم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

ميرپور خاص جي عدالت جوابدارن کي 6 مهينا قيد ۽ 15 هزار ڏنڊ جي سزا ٻڌائي ڇڏي

ميرپورخاص (بيورو رپوٽ) ماڊل ڪورٽ جي جج توهين عدالت جي ڏوهہ ۾ ضلعي بار جي صدر سڪندر ڪولاچي ۽ جنرل سيڪريٽري غفار ناريجو سميت وڪيل زين ناريجو، تلوڪ چند پيل، سترام داس سوناٽي کي 6 مهينا قيد ۽ 15 هزار ڏنڊ جي سزا ٻڌائي ڇڏي وڪيلن پاران احتجاجي مظاهرو نعريبازي ضلعي بار پاران ماڊل/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

نئون ڪوٽ: ٽرڪن ۾ غيرقانوني طور ايل پي جي جا سلينڊر پيل آهن

نوشهرو فيروز ۾ استاد گل حسن سهتو جي 60 سال سروس مڪمل ٿيڻ تي مان ۾ تقريب

گل حسن سهتو هڪ ذميوار ۽ پيشي سان سچو استاد هو جنهن جون هن اداري لاءِ وڏيون خدمتون آهن: اڳواڻ

استاد گل حسن سهتو سيني استاد صاحبان جو شڪريو ادا ڪيو ۽ ڪلاسن ۾ وڃي شاگردن کان بہ موڪلايو

نوشهرو فيروز (ڊ ر) گورنمينٽ مدرسہ اينڊ هاءِ اسڪول نوشهرو فيروز ۾ استاد گل حسن سهتو جي 60 سال سروس مڪمل ٿيڻ تي ڪيس مانَ ۽ شانَ سان الوداع ڪيو ويو ان موقعي تي خطاب ڪندي اسڪول جي هيڊ ماسٽر ڪريم بخش سيال چيو تہ استاد هڪ عظيم پيشو آهي جنهن جي معاشري ۾ وڏي عزت آهي. گل حسن سهتو هڪ ذميوار ۽ پيشي سان سچو استاد هو جنهن جون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

پاڪستان ۾ انصاف جا دروازه سون جي چاٻين سان کلندا آهن: سراج الحق

پاڪستان ۾ عوام کي ڪو بہ رليف حاصل ناهي، غريب پريشاني جو شڪار آهي، حڪمران پنهنجي لاءِ ڪم ڪري رهيا آهن

جي مجيل اداري پلڊاٽ پنهنجي رپورٽ ۾ چيو آهي تہ جماعت اسلامي بهترين تنظيم آهي، عوام جي خدمت ڪرڻ ڄاڻون ٿا

جماعت اسلامي عوام جي خدمت ڪرڻ ڄاڻي ٿي، الله انسان کي قيمتي بڻايو آهي، انسان پاڻ انسان جي بي توقيري ڪندو آهي

سکر (رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) سنڌ هاءِ ڪورٽ بار ايسوسي ايشن سکر کي جماعت اسلامي جي سربراهہ سراج الحق جو خطاب ڪندي چيو آهي تہ پاڪستان ۾ عوام کي ڪو بہ رليف حاصل ناهي، غريب پريشاني جو شڪار آهي، حڪمران پنهنجي لاءِ ڪم ڪري رهيا آهن. ڪرپشن جو خاتمو ضروري آهي، هن چيو تہ دنيا جي مجيل اداري پلڊاٽ پنهنجي رپورٽ ۾ چيو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

MR. QURBAN ALI MALANO 2017 MR. NISAR
MR. QURBAN ALI MALANO 2018 MR. ZULFIQAR ALI SANGI
MR. QURBAN ALI MALANO 2019 MR. GHULAM SHABIR DAYO
MR. SARFRAZ AHMED AKHUND 2021 MR. ALI GUL ABBASI
MR. QURBAN ALI MALANO 2023 MR. IRSHAD HUSSAIN DHAREJO

سکر: جماعت اسلامي جو امير سراج الحق تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

نوشهرو فيروز ۾ ڏوهہ ثابت ٿيڻ تي 10 جوابدارن کي هڪ هڪ سال قيد جي سزا

نوشهرو فيروز (ڊ ر) جڊيشنل مئجسٽريٽ نوشهرو فيروز عادل نذير سهتي جي عدالت ڏوهہ ثابت ٿيڻ تي 10 جوابدارن کي هڪ هڪ سال قيد جي سزا ٻڌائي آهي. سزا آيل جوابدارن ۾ علي حسن، امان الله، حسن علي چنڊ، علي محمد، محمد سفر، بهادر، راشد، محمد رمضان، شان ۽ بابر کي بہ سزا ملي آهي. جوابدارن مٿاڻ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

شهدادڪوٽ واسي ثنا گراماڻي جي وارثن نياڻي کي اغواءِ وڪرو ڪرڻ جو ڪيس داخل ڪري ڇڏيو

وارثن پير سيد سهيل شاهہ جيلاني سميت پنهنجي زال مسمات ارشاد بن سالن امجد، رياض سنڌو سراج مٿان ڪيس خلاف ڪيس داخل ڪرايو

اسان اسان جي ابن ڏاڏن جي مرشدن پير سهيل شاهہ جيلاني جي حويلي ۾ نياڻي ثناءُ گراماڻي کي امانت طور ڇڏي هئي: نياڻي جو پيءُ

فاطمہ ڦرڙو جو واقعو اڳيان آيو تہ پريشان ٿي ويس ۽ عجيب غريب شڪ گهمان ذهن ۾ جنم وٺندا رهيا، ٿاڻي تي پهچي ڪيس داخل ڪرايو آهي

راڻيپور (رپورٽر) قمبر شهدادڪوٽ واسي ثنا گراماڻي جي والد راڻيپور ٿاڻي تي پهچي نياڻي جي اغوا ڪرڻ بعد وڪرو ڪرڻ جو پير سيد سهيل شاهہ جيلاني سميت پنهنجي زال مسمات ارشاد بن سالن امجد، رياض سنڌو سراج مٿان ڪيس خلاف ڪيس داخل. رپورٽ موجب پيراڻي حويلي مان بہ سال اڳ مبينا طور تي گم ٿيل قنبر شهداد ڪوٽ واسي 20 سالا ثنا گراماڻي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

دادو: سيوهڻ واسين پاران گهر ۽ زمين تي قبضي واري عمل خلاف احتجاجي مظاهرو

بااثر هٿيارن جي زور تي ڪٽڪ جون 10 ٻوريون، 20 ٻڪرين سميت گهر جو الهہ تلهہ ڪٽي گهر ۽ زمين تي قبضو ڪيو آهي: مظاهرين

اسان غريب ۽ مسڪين آهيون، مان باجارا پوليس ٿاڻي تي زميندار خلاف اين سي داخل ڪرائي پر پوليس ڪا بہ مدد نہ ٿي ڪري

معاملي جو نوٽيس وٺي هلندڙ مقاطعو پورو ٿيڻ تائين زمين ڏياري لٽيل سامان ڪٽڪ ۽ ٻڪريون ڏياري انصاف ڪيو وڃي

دادو (ن سنڌيار) سيوهڻ تعلقي جي يوسي باجارا ۾ مقاطعي تي زمين ڏيندڙ زميندار جو هاري جي گهر ۽ زمين تي قبضي واري عمل خلاف مقاطعي تي زمين وٺندڙ ۽ سندس هاري پنهنجي ڪٽنب سميت احتجاجي مظاهرو ڪري دادو پريس/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

دادو: سيوهڻ واسي ڳوٺاڻا انصاف لاءِ پريس ڪانفرنس ڪري رهيا آهن

ڏوڪري پرسان ڳوٺ دريا خان منگريو جي 7 سالہ گهمڻ ڦرڻ کان لاچار

ڏوڪري (رپورٽر) ڏوڪري پرسان ڳوٺ دريا خان منگريو جي 7 سالہ سونيا ميمڻ ڌيءُ نثار ميمڻ ڪيتري عرصي کان گهمڻ ڦرڻ کان لاچار ٿي وئي آهي، تفصيل موجب ڏوڪري پرسان ڳوٺ دريا خان منگريو جي 7 سالہ سونيا ميمڻ ڌيءُ نثار ميمڻ، ڪيتري عرصي کان گهمڻ ڦرڻ کان لاچار بڻيل آهي، انهي موقعي تي سنڌس پيءُ ميڊيا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

ٺٽو وايا جهمپير لنڪ روڊ وڏين دعوائن باوجود اڃان تائين نئين سر تعمير ٿي نہ سگهيو

ڪي نقصان پهچڻ توڙي اينڊز ويندڙ ماڻهن کي اڄ وچ ۾ سخت مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پئجي ويو

پل ناڪار هجڻ ڪري پائيپ ٽٽڻ سميت پل جا ڪنارا ختم ٿي وڃڻ ڪري وڏين گاڏين جي آمدرفت بہ بند ٿي وئي

وڏين گاڏين وارا وڏا چڪر ڪاٽي ٺٽي شهر تائين پهچڻ تي مجبور بڻيل، انتظاميہ روڊ جي تعمير لاءِ ڪي بہ جوڳا قدم کڻي نہ سگهي

ٺٽو (رپورٽر) ٺٽو وايا جهمپير لنڪ روڊ وڏين دعوائن باوجود اڃان تائين نئين سر تعمير ٿي نہ سگهيو، جنهن ڪري گاڏين کي نقصان پهچڻ توڙي اينڊز ويندڙ ماڻهن کي اڄ وچ ۾ سخت مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پئجي ويو، درگاهہ ستيون ويجهو منگسي ڳوٺ پرسان سم نالي مٿان نهيل پل ناڪار هجڻ ڪري رکيل پائيپ ٽٽڻ سميت پل جا ڪنارا ختم ٿي وڃڻ ڪري وڏين/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

شڪارپور: وفاقي محتسب جي آفيس جي ريجنل هيڊ سيد محمود علي شاهہ جي صدارت هيٺ ٻڌڻي

سيپڪو جي ايگزيڪيوٽو انجنيئر ڪاشف گلزار، آپريشن ڊويزن روهڙي، ڊپٽي مئنيجر ڪمرشل گهوٽڪي ۽ مسٽر گهوٽڪي سميت اهم اسٽيڪ هولڊرز شرڪت ڪئي

ياسين حنبي، ڊپٽي ڪمرشل مئنيجر، شڪارپور وفاقي محتسب ريجنل آفيس پاران طلب ڪيل عملدرآمد جي ٻڌڻي تعميري ڳالهين ۽ گڏيل عمل لاءِ پليٽ فارم طور ڪم ڪيو

عوامي خلمت جي ترسيل کي وڌائڻ لاءِ گڏيل عزم سان شرڪت ڪندڙن غور ويچار ۾ مصروف عمل کي منظم ڪيو ۽ التوا ۾ رکيل ڪيسن جي حل کي يقيني بڻايو: محمود علي شاهہ

شڪارپور (عبدالخالق سومرو) ڪيسن جي تيزيءَ سان حل ۽ جلد انصاف کي يقيني بڻائڻ جي ڪوشش ۾ وفاقي محتسب ريجنل آفيس سيپڪو سکر ڊويزن، گهوٽڪي ڊويزن، لاڙڪاڻو ڊويزن ۽ شڪارپور ڊويزن جي هڪ تاريخي عملدرآمدي ٻڌڻي ڪئي. وفاقي محتسب جي آفيس جي ريجنل هيڊ سيد محمود علي شاهہ جي صدارت هيٺ ٿيندڙ ٻڌڻي ۾ اهم اسٽيڪ هولڊرز/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

شڪارپور: عوامي مسئلن جي حل لاءِ ڪوئايل گڏجاڻي ۾ اڳواڻ ڳالهائي رهيو آهي

نوشهروفيروز واسي نوجوان محمد موسيٰ سولنگي 10 ڏينهن کان پراسرار گم

نوشهرو فيروز (رپورٽر) ڳوٺ رڪيل فقير سولنگي جو نوجوان محمد موسيٰ عرف سهيل سولنگي 10 ڏينهن کان پراسرار گم آهي. اسڪارپ کاتي جو ملازم رات جو گهران نڪتو تہ گم ٿي ويو جنهن ڪري نوجوان جي گهر ۾ ڪهرام متل آهي. نوجوان جي مائٽن پاران پريس ڪلب نوشهروفيروز آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

غلام الله ۾ پيلوڙ ملهہ پهلوان مرحوم علي بخش ملاح جي ٽين ورسي تقريب

ورسي تقريب ۾ سوين شهرين سياسي سماجي اڳواڻن صحافين واپارين ملهہ پهلوانن شرڪت ڪئي

سنڌ ڪلچرل فورم جي چيئرمين صادق لاڪو سينيئر صحافي پيرل پياسي ملاح ۽ ٻين خطاب ڪيو

ضلعي ۾ ڪيترائي ملهہ پهلوان بيمارين جي بسترن تي پيل آهن، ڪا بہ مالي سهائتا نہ ٿي ڪئي وڃي: اڳواڻ

غلام الله (رپورٽر) سنڌ جي پيلوڙ ملهہ پهلوان مرحوم علي بخش ملاح جي ٽين ورسي تقريب سنڌ ڪلچرل فورم ضلعي ٺٽي پاران غلام الله شهر ۾ ملهائي وئي ورسي تقريب ۾ سوين شهرين سياسي سماجي اڳواڻن صحافين واپارين ملهہ پهلوانن شرڪت ڪئي، ورسي تقريب جي صدارت سنڌ ڪلچرل فورم جي چيئرمين صادق لاڪو ڪئي ورسي تقريب کي سنڌ ڪلچرل فورم جي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي***

ايڊيٽر:
اعجاز مهر
روزاني
سنڌيار
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com

پهرين سيپٽمبر 2023ع

مهانگائي خلاف احتجاج ڪندڙ عوام

عوام ڳاٽي ٽوڙ مهانگائي ۽ سرڪار جي بي حسي خلاف احتجاج ڪري رهيو آهي. جتي سگهجي ٿو ته ورهين کان رياست ۽ اشرافيا جي جاري استحصال کان تنگ ٿي ڪري بجلي جي قيمتن ۾ ٽيل اضافي جي بهاني سان ماڻهو ٻاهر نڪري آيا آهن. ڪجهه نه ٿو چئي سگهجي ته اهو بنا قيادت جي هجومن جي صورت ۾ ٿيندڙ احتجاج جو ڪهڙو نتيجو نڪرندو پر اها عجيب ڳالهه آهي ته ملڪ جون وڏيون جماعتون جيڪي عوام جي ڏر هڻڻ جو دعويدار آهن. اهي لڪي ويون آهن.

سوال هي آهي ته اڄ نه ته سڀاڻي اهي جماعتون چونڊن ۾ عوام وٽ ويندڙيون ته اهي ڪهڙي منهن سان ماڻهن کان ووٽ گهرنديون. ڇا سمورين وڏين جماعتن جي ڪا به ذڪر جوڳي ڪارڪردگي، آهي جنهن کي بنياد بڻائي اهي چئي سگهن ته انهن عوام جي لاءِ جيڪو ممڪن هو اهو ڪيو باقي وري ڀيهر موقعو ملي ته اهي عوام کي ٻيون سهولتون پڻ فراهم ڪندا؟ هن وقت جي عملي يا حقيقي صورتحال هي آهي ته مهانگائي جي سونامي بجلي، پيٽرول، ڊيزل ۽ گئس اڳهن ۾ ڳاٽي ٽوڙ واڌ غريبن ۽ مزدور طبقي کان پن ويلن جي ماني به ڦري ورتي آهي. مڊل ۽ لوئر مڊل ڪلاس غربت جي لڪير تي پهچي ويو آهي. اهڙي ظلم خلاف عوام روڊن تي آهي، احتجاج سنگين رخ اختيار ڪري رهيو آهي مسلم ليگ ن، پيپلز پارٽي ۽ جي يو آءِ سميت ٻيون جماعتون اڳواڻي ڪرڻ بدران لاتعلق ٿيل آهن. عوام کي رليف ڏيارڻ لاءِ اڳيان اچڻ بجاءِ مڪمل طور غائب ٿي ويون آهن.

ڪنهن کي وڻي يا نه پر اها حقيقت آهي ته جماعت اسلامي عوام سان گڏ بيٺل نظر اچي رهيو آهي. اهو ڪٿي درست هجي ته جماعت اسلامي صورتحال جو فائدو وٺندي ماڻهن کي گڏ ڪرڻ ۽ رابطا ڪرڻ چاهي ٿي. پر ٻي ڪنهن جماعت کي ڪنهن روڪيو ته نه آهي ته اوهان اڳيان نه اچو؟ اهو قانون آهي ته پرندڙ حالتن ۾ ماڻهن کان لاتعلق ٿيڻ سان ان جي جاءِ تي جيڪي به ڏريون ماڻهن سان گڏ هونديون انهن کي عوام موٽ ڏيندو. سموريون پارٽيون احتجاج کان لاتعلق آهن ۽ جماعت اسلامي لاءِ ميدان خالي آهي. جيستوڻيڪ ووٽ هڪ جدا معاملو آهي ان هوندي به اهو ٿيندو ته جماعت پنهنجا همدرد وڌائي ويندي ۽ اهو ئي وقت هوندو آهي جڏهن سياست جي اهميت وڌي ويندي آهي.

مبصرن جو به خيال آهي ته ملڪ ۾ مهانگائي سبب جيڪي حالتون پيدا ٿي چڪيون آهن انهن کي نظر ۾ رکندي اهو چئي سگهجي ٿو ته چونڊون گهڻو اڳتي وڌائي وڃڻ هاڻي ڪنهن خطري کان خالي نه آهي.

سياسي جماعتن جي سمورن مفڪرن کي اهو سمجهڻ گهرجي ته هن وقت جيڪا صورتحال آهي. اها وقت گذرڻ سان گڏوگڏ وڌيڪ شدت اختيار ڪري سگهي ٿي، انڪري هاڻي عوام سياسي ڌرين کان به سوال ڪندو ته هنن جو پروگرام ڇا آهي؟ اهي ڪهڙي ريت ماڻهن کي رليف ڏيندا؟ رڳو واعدا ته گذريل 76 سالن کان هر سياسي ڌر ڪري رهي آهي. ان تي عمل ڪرڻ جي وقت اهي سياسي ڌريون وري عوام جي خدمت ڪرڻ بجاءِ اشرافيا جي کي ٽيڪسن ۾ ڇوٽ ڏيڻ ۽ عام ماڻهو مٿان مالي بار وڌائڻ واري ڳالهه تي عمل ڪن ٿيون.

عوام جي تاحال ڪاوڙ گهٽجڻ بجاءِ وڌي رهي آهي، جنهن مان ماڻهن کي پهتل تڪليف جو اندازو هر ڌر کي ٿيڻ گهرجي. مختلف سياسي جماعتن جي واعدن تي اعتبار ڪرڻ بعد ٽيل دوڪن جي ڪهاڻي ايتري پراڻي ٿي وئي آهي جو هاڻي عوام کي شايد ئي سياسي جماعتن جي مقبول نعرن تي اعتبار اچي.

وس وارن نگران کي جيڪي اختيار ڏني پنهنجا مفاد سڌا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي انهن کي عوامي احتجاج مان اندازو ٿيڻ گهرجي ته هاڻي ماڻهن جي ڪاوڙ جو رخ ڪو ٻيو آهي.

هڻڻ ته ائين گهرجي جو ايندڙ چونڊون ملڪ جي آئين ۾ ڏنل مدي اندر ڪرايون وڃن ۽ ان جي شفافيت کي يقيني بڻايو وڃي. جيڪا به ڌر ڪامياب ٿي اقتدار ان حوالي ڪيو وڃي. معاملن ۾ هٿرادي ڪنهن به رنڊڪ جي صورت ۾ معاملا وڌيڪ خراب ٿيڻ جو امڪان رهندو ان کان سواءِ ٻيو ڪو به حل نه آهي.

شاه لطيف جي شاعريءَ ۾ سومرن جي دور جي سورمين جو ڪردار

صعيم علي پيلار

ڪنهن به سماج ۾ فنون لطيف سميت ٻين سماجي پهلوئن جي ترقيءَ جو دارومدار ان دور جي حالتن تي آڌاريل هوندو آهي. جيڪڏهن سماج ۾ پرامن ۽ بهتر ماحول هوندو ته اتان جا لوڪ مختلف شعبن ۾ ترقي ڪندا ۽ سماج ۾ خوشحالي، جو سج اڀرندو امن وامان ۽ معاشي مسئلا ترجيحي بنيادن تي حل ڪرڻ سبب اُن سماج ۾ فنون لطيف واڌ ويجهه ڪندو. ماڻهو ڪسن ڪارين کان واندا ٿي، اوطاقن جو رخ ڪندا، جتي بيت، قصا، ڳجهارتون ۽ راڳ رهاڻ جي محفلن مان حظ حاصل ڪندا.

سنڌي ادب ۾ سومرن جو دور (1050ع – 1350ع) پڻ امن و امان، معاشي ۽ خوشحالي، سبب لوڪ ڏاهپ ۽ ادب جو قدر شناس دور ليکيو وڃي ٿو هن دور ۾ سنڌي ادب جا بنياد نروار ٿيا. جن تي اڳتي هلي خوبصورت عمارت ۽ ان خوبصورت عمارت تي حُسين چٽسالي ڪئي وئي. سومرن جي دور (1050ع – 1350ع) جون ڇهه مشهور سورميون سنڌي ادب جي اُڀ تي نمودار ٿيون. انهن سورمين جي داستانن منجهان ان دور جي سماجي، معاشي ۽ اقتصادي حالتن جي پلي پٽ خبر پوي ٿي. ان دور ۾ امن جون سازگار حالتون، مذهبي رواداري، جا اعليٰ مثال: محبت، وچن، قول تان جان فدا ڪرڻ، پنهنجي پوڻ لاءِ انسيت، حلم، نماڻائي ۽ نهٺائيءَ جا انيڪ مثال ملن ٿا. شاه لطيف جن ڪردارن کي پنهنجي ڪلام ۾ هيڪاري جڳهه ڏني آهي، اهي ڪردار ڀهريان پٽن، پٽن ۽ چارڻ در در، گهر گهر، گوٺ گوٺ، ۽ شهر شهر ۾ ڳائي وڄائي عام ڪري ڇڏيا هئا. لطيف سائينءَ انهن ڪردارن جي جوهر کي وڏي مهارت سان پنهنجي ڪلام ۾ پيوست ڪيو آهي لطيف سائينءَ سورمين (ڪردارن) جي واتان جيڪو پيغام ڏنو آهي اهو دنيا وارن جي لاءِ هر دور ۾ ڪارگر ثابت ٿيندو پيو اچي.

سنڌ ماءُ جي جيڪي مٽيءَ مان جنم ورتندڙ عظيم فلسفي ۽ لاثاني صوفي شاعر شاه لطيف جيڪو سورمين جو شاعر آهي. سندس ڪلام منجهان عورت جي احساسن جذبن ۽ اُمنگن لاءِ احترام هر سر ۾ پسي سگهجي ٿو شاه لطيف پنهنجي آفاقي ڪلام ۾ سنڌ جي مشهور ۽ معروف لوڪ ڪردارن کي پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪتب آڻيندي انهن مان مادي، روحاني توڻي تمثيلي نقطا نروار ڪيا آهن. انهن ڪردارن ذريعي زندگيءَ جي مڙني پهلوئن ۾ جدوجهد بنيادي حيثيت رکي ٿي. جنهن کي لطيف سائينءَ وڏي مهارت سان پيش ڪيو آهي شاه لطيف جي مڙني ڪردارن ۾ هڪ وحدت سمايل آهي آهي. سڀئي سورميون ڌرتيءَ سان واسطو رکندي، مادي حقيقتن کي تسليم ڪندي، پنهنجي شعوري، علمي ۽ عقلي ڪوشش سان آخري دم تائين جدوجهد. پنهنجي منزل ۽ مقصد تان هٽ نٿيون ڪڍن لطيف سائينءَ جن ڪردارن کي پنهنجي آفاقي ڪلام ۾ پيش ڪيو آهي، اهي ڪردار سنڌي سماج ۾ ضرب المثل بڻجي چڪا آهن. انهن ڪردارن واتان چيل ڪيترين ئي سٽون اصطلاحي طور روز مره جي مروج سنڌي بوليءَ ۾ شامل ٿي ويون آهن. مثال طور: "وو وو! ڪندي وت، مٺان وو وو وسارين"، "تني ڏني ڪاه، ڪانهي ويل ويهڻ جي"، "الا! ڏاهي م ٿيان، ڏاهيون ڏک ڏسن"، "هڪ سسئي بيو سور، ويا پٽيندا پاڻ ۾"، "لکيو منجهه نراڙ، ٿلهر ڪيائي نه وهي"، "ملڪ مڙوئي منصور ڪهي ڪهندي ڪيترا"، "آئين ۽ چاڙهين"

شاه لطيف جي ڪلام ۾ ڪرنگهي جي هڏي جهڙي حيثيت رکندڙ سورمين (ڪردار) مان ڇهن جو تعلق سومرن جي دور سان آهي. انهن سورمين جا نالا هيٺ بيان ڪجن ٿا.

سهڻي
سسئي
ليلان
مومل
مارئي
سورٺ

مٿي بيان ڪيل سومرن جي دور جي مکيه سورمين جي ڪردار بابت جامع انداز ۾ مختصر بيان هيٺ بيان ڪجي ٿو.

سهڻي

سهڻي تلا ڪنڀر جي ڌيءِ هئي. مرزا علي بيگ جو پٽ عزت بيگ سير سفر جو ذوق رکندڙ هڪ حَسين جوان هيو تلا جي گهر مان ٿانوَ وٺڻ جي بهاني سهڻيءَ کي ڏٺائين ۽ پوءِ هڪ ٻئي لاءِ پيار ۽ انسيت وڌندي وئي. سدائين ٿانوَ وٺڻ جي بهاني سان سهڻيءَ جي گهر ايندو هيو. عزت بيگ جي موڙي ختم ٿيڻ سبب تلا ڪنڀار کان قرض ورتائين. ان قرض جي ادائگيءَ لاءِ وٽس ملازمت ڪيائين. تلا ڪنڀار عزت بيگ کي مينهن جو ڌڻ چارڻ جي لاءِ ڏنو. اهڙي طرح هڪ امير گهراڻي جو ٻار عزت بيگ "ميهار" ٿي ويو ميهار (عزت بيگ) ڏانهن ماني ڏيڻ جي بهاني سان سدائين سهڻي ٻاهر ملڻ ويندي هئي. ڪٺوري، ڪڏهن به گهڻو وقت لڪي نه سگهندي آهي. نيٺ اها خبر تلا ڪنڀار کي پيئي، جنهن جلد ۾ پنهنجي نياڻي (سهڻي) جي ڏم سان شادي ڪرائي. ڏم سهڻيءَ جو سوٽ هيو اهڙي عمل تي عزت بيگ (ميهار) کي ويراڳ وٺي ويو دريا جي ڪپ تي دونهين دکائي ويهي رهيو. اها خبر جڏهن سهڻي کي پيئي ته سرتيون کان لڪي ڇپي ڪري هر رات جو دلي تي درياه اڪري ميهار سان ملي واپس پنهنجي گهر موٽي ايندي هئي. هڪ رات (قضا سان) سندس ننڻان جاڳي (سڄاڳ) پيئي جنهن سمورو لقاءُ پنهنجي اکين سان ڏٺو پيءِ رات جو پڪل دلي جي جاءِ تي هڪ ڪورو، ڪچو رنگين دلو رکي ڇڏيائين. سهڻيءَ کي ان جي سڌ نه پيئي، جيئن ئي درياه ۾ گهڙي ته ڪچو دلو پاڻيءَ جي تيز وهڪري ۾ پرڻ ۽ ڳرڻ لڳو ۽ سهڻي ٻڏڻ لڳي. هن پنهنجي ميهار کي سڏ ڪيا ميهار، ان سير ۾ گهڙي پيو ۽ سهڻي سان هڪ ٿي ويو.

شاه سائين سهڻي (سورمي) جو ڪردار بيان ڪندي هن ريت چوي ٿو ته:

ڪنڌيءَ اپرين ڪيترين ساهو ساهو ڪن
ڪنين سنگر ساه جو ڪي گهوريس ڪيو گهوڙن
ساهو سنڌوتن ڪها ڪهائي گهوڙن جي (1)

سسئي

ڀلوراءِ جي دور ۾ نائون نالي هڪ ٻانڀڻ کي نياڻي جو اولاد ٿيو. ان ٻار جو انگ هڪ اجنبيءَ سان لکيل هئڻ ڪري، سندس والدين هڪ ڪاٺ جي صندوق ۾ پنهنجي نياڻيءَ کي بند ڪري درياه جي حوالي ڪيو اها صندوق ڀنڀور جي پرو ۾ هڪ درياه جي ڪناري تي بهتي، جيڪا محمد ڪٽي نالي هڪ مشهور ڌوٻيءَ کي هٿ آئي. ان ڌوٻيءَ کي اولاد نه هيو ان ڪري وڏي لاڏ ڪوڏ سان پاليائين، ان ٻار جو نالو سسئي رکيائين جنهن جي معنيٰ آهي چنڊ. ان ئي زماني ۾ ڪيچ مڪران جا ڪافلا واپار سانگي ڀنڀور ۾ ايندا هيا. ڪجهه ماڻهن سسئي جي سونهن ۽ سوڀيا جي ڳالهه وڃي پنهونءَ سان ڪئي. پنهون ته ڏشڪ، امير هيرا جواهر ڪٽي واپار جي بهاني سان سسئي جي سونهن ڏسڻ لاءِ، پنهور ڀهتو ڪيچ مڪران جي شهزادو ڏسڻ جي لاءِ، سسئي پنهنجي سهلين سان گڏ آئي. هڪ ٻئي کي ڏسڻ سان پاڻ ۾ پريت جو ٻيج پختو ٿي ويو پنهون، محمد ڪتيءَ کان سسئي جي سنگ جي گهر ڪئي. محمد ڪتي ڌاريو هئڻ جو سبب ڄاڻايو. جنهن تي پنهون ڌوٻي ٿي محمد ڪتي، جو اعتبار حاصل ڪري ورتو آخر ٻنهي جي شادي ٿي. پنهون پنهنجي اباڻي ديس ڪيچ مڪران جو دل مان خيال لاهي ويهي رهيو پنهونءَ جي والد جي چوڻ تي سندس ڀائر ڀنڀور پهتا ته سندن وڏي آجيان ڪئي وئي، عزت ۽ احترام سان پنهونءَ جي ڀائرن کي رهايو ويو. هڪ رات پنهونءَ جا ڀائر نشي جي حالت ۾ پنهونءَ کي اٺ تي ڪڍي ڪيچ مڪران روانا ٿيا. صبح جو جڏهن اها خبر سسئي کي پيئي ته اڪيلي جبلن ڀڳائن جو پنڌ ڪندي ڪيچ طرف رواني ٿي رستي ۾ هڪ پنهوار جي بد نظر کان بچڻ لاءِ رب پاڪ جي دربار ۾ دل سان دعا گهريائين. پهاڙ ڦاٽي پيو. سسئي اندر پيهي وئي. ان پنهوار اهڙو ڪرشمو ڏسي حيران ٿي ويو ان پهاڙ وٽ ويهي رهيو. هوڏانهن پنهونءَ جا خمار لٿا ته ڀائرن کان پاڻ ڇڏائي ڀنڀور طرف واپس وريو. رستي ۾ ساڳئي پنهوار، پنهونءَ کي سمورو احوال ٻڌايو پنهونءَ ڏتي جي در ۾ پاڻ ڏايو. ڏتيءَ در سندس عرض اڳهيو ساڳيو جبل وري ڦاٽو پنهون وڃي سسئي سان هميشه لاءِ هڪ ٿيو.

شاه سائين پنهنجي سورميءَ سسئي جي واتان هن ريت چوائي ٿو ته:

سڏائتي سيڪا بڪ ڏباسي ڪا،
جيهي تيهي ذات جي جنبش ڪانهي جا،
مون سين هلي سا، جا جيءَ منونه ڪري (2)

ليلان

سومرا دور جو حاڪم راجا چنيسر ديول ڪوٽ تي حڪومت ڪندو هيو. ليلان سندس پٽ راڻي هئي. جڪرو خاص وزير هيس ان ئي زماني ۾ راڻو ڪنگهار ڪچ جو ڌڻي هيو ان کي هڪ ڪونرو نالي حسين نياڻيءَ هئي. ڪونرو پنهنجي سهيليءَ جي ڏنل طعني سبب ان ڌڻي ۾ چنيسر تي موهت ٿي پيئي. ڪونرو پنهنجي پيءُ کان موڪلائي پنهنجي ماءُ مرکيءَ سان گڏ واپارين وارو ويس اوڍي ديول ڪوٽ پهتيون. ليلان کي منٿون ڪري سندس گهر محل ۾ نوڪريائيون ٿي رهيون. هڪ رات ڪونرو جي اکين مان نير وهي آيا. ليلان ان جو ڪارڻ پڇيو جنهن تي ڪونرو هڪ من گهڙت قصو ٻڌائيندي، نولکو هار ڏيکاريو ۽ چيائين ته اسان وڏا امير هياسين. هاڻي ڪجهه نه رهيو آهي بس هن نولکي هار سان دل وندرائيندي آهيان. ليلان ان نولکي هار تي هرکجي پيئي ليلان هار جي طلب ڪئي. ڪونروءَ اهو شرط رکيو ته "چنيسر سان هڪ رات رهاڻ ڪرڻ ڏينم" چنيسر نشي جي حالت ۾ رات جو گهر آيو. سندس زال ليلان ڪيس ڪونروءَ جي ڪمري ۾ ڇڏي آئي. صبح جو جڏهن چنيسر هوش ۾ آيو ته ڪونروءَ جي ماءُ سڄو احوال سڻايس ته "تنهنجي زال هار عيوض اوهان کي وڪيو آهي" اهو ٻڌي چنيسر ليلان سان ناراض ٿي ويو ليلان مايوس ٿي پنهنجي مائٽن ڏانهن هلي وئي. قضا سان هڪ شاديءَ جي تقريب ۾ چنيسر مهمان ٿي آيو هو ان محفل ۾ ليلان ناچ ڪري رهي هئي. ناچ جي ختم ٿيڻ تي چنيسر ان نرتڪيءَ جو منهن ڏسڻ جي خواهش ظاهر ڪئي. جيئن ئي ليلان منهن ڏيکاريو ته ٻنهي جو روح پرواز ٿي ويو.

شاه سائين، پنهنجي ڪلام ۾ ليلان جي ڪم عقلي کي سندس ئي زباني ۾ هن ريت پيش ڪري ٿو ته

وڏيري هياس، ميڙو مون گهر سرتيين،
هٿ ڇهن هار جي، ڪڙي ڪانڌ ٿياس،
ڊولي ڊيلياس، آيم ڏن، ڏهاڳ جو (3)

مومل

سومرا دور ۾ راجا نند. ميرپور ماٿيلي تي راڄ ڪندو هيو. ڪيس نو ڌيئر هيون، انهن مان سونهن ۾ سڀني کان سرس مومل ۽ سومل مڙني کان عقل ۾ اڪابر هئي. راجا نند کي هڪ جادوئي ڏند مليو. جنهن جي ذريعي پنهنجو سمورو خزانو درياه جي وچ سير ۾ رکي آيو. ان جادوئي ڏند جو پتو هڪ سيلاني فقير کي پئجي ويو. بادشاه جي غير موجودگيءَ جو فائدو وٺندي سندس در تي سيڻ هنيائين ۽ مومل کان ان جادوئي ڏند جي گهر ڪيائين. مومل انجاڻائيءَ ۾ اهو جادوئي ڏند سيلاني فقير جي حوالي ڪري ڇڏيو ڪجهه عرصي کان پوءِ راجا نند اهو جادوئي ڏند گولهيو. جنهن تي مومل سڄي ماجرا سڻائي راجا ڪاوڙ ۾ تپي ڳاڙهو ٿي ويو. سندس عقلمند نياڻيءَ سومل ان وڃايل خزاني جيتري دولت هٿ ڪرڻ جي هام هنئي.

سومل جادوئي فن ۽ طلسم ۾ مهارت رکندي هئي هن پنهنجون نوڪريائيون ۽ ڀينرسان ڪري لڏائي شهر جي پر ۾ ڪاڪ جي ڪنڌيءَ تي هڪ جادوئي محل اڏايائون. جنهن ۾ گهڻا ٽڪسات رکيل هئا. مومل سان شادي ڪرڻ جي شوق ۾ ڪيترن ئي اميرن، سوداگرن ۽ ڦقيرن جون دولتون ۽ جانيون ضايع ٿي ويون. ان دور ۾ راڻو هيمير سومري جو گهاٽو دوست هيو ان کي جڏهن مومل جي ماڙيءَ جي سڌ پيئي ته هن پنهنجي دوستن سان گڏجي مومل جي ماڙيءَ تي قسمت آزمائڻ جي لاءِ روانا ٿيو. راڻي جا ٻيا دوست بازي هارائي ويا، ليڪن راڻي محل جي ٽڪسائن کي چڱيءَ ريت پروڙي پيو وڪ وڌائيندي آخر ڪار مومل ماڻيائين راڻي ڪافي وقت ڪاڪ محل ۾ گذاريو ۽ پوءِ ڪاڪ محل مان پنهنجي ديس روانو ٿيو. ڪيتراڻي ورهيه وهامي ويا، ليڪن راڻو نه وريو مومل سندس فراق ۾ پريشان ۽ ڏکاري ٿي پيئي، سندس وڏي ڀيڻ دلاسو ڏيندي راڻي جي روپ ۾ پاڻ کي پيش ڪري ريجهائي ورتو قضا سان ان رات ئي راڻو مختلف حرفتن ۽ اٽڪلن سان پنهنجي دوستن ۽ هيمير سومري مان جان ڇڏائي ڪاڪ محل ۾ پهتو مومل کي غير مرد سان گڏ آرام ڪندي ڏسي ورتائين. پنهنجي اچڻ جي نشاني ڇڏي روانو ٿي ويو صبح جو جڏهن ڪمري ۾ مومل، راڻي جي ڇڏيل نشاني (لڪڻ) ڏٺي ته گهڻي پريشان ٿي. ان فراق، درد، پيڙا ۽ ڏک ۾ پاڻ کي چکيا جي حوالي ڪيائين. جڏهن اها خبر راڻي کي پيئي ته مومل جي معصوميت تي ڏاڍو ڏکارو ٿيو ۽ پاڻ کي ساڳئي چکيا (باه) جي حوالي ڪيائين

شاه لطيف، راڻي (ڪردار) جي انتظار بيقراري ۽ فراق ۾ مومل جي واتان هن ريت چوائي ٿو ته

شمع ٻارينديءَ شب، پره پاڪون ڪڍيون،
موٽ مران ئي مينڌرا راڻا ڪارڻ رب،
تنهنجي ذات طلب، ڪانگ اڏايم ڪاڳ جا (4)

مارئي

سومرن جي دور ۾ هڪ هاڪارو حڪمران عمر سومرو حڪومت ڪندو هيو ٿرجي پلوا ڳوٺ ۾ پالڻي نالي هڪ غريب شخص رهندو هيو ان کي مارئي نالي هڪ نياڻي هئي. مارئي جي ماءُ جو نالو ماڌوئي هيو. سندس گهر ۾ ڦوڳ نالي هڪ خدمتگار رهندو هيو جيڪو ٻڪرين کي چارڻ ۽ انهن جو ڳاه وغيره ڪرڻ جي لاءِ مقرر ڪيو ويو هو ڦوڳ کي ننڍپڻ کان ئي مارئي سان انسيت ٿي وئي هئي. نيٺ هڪ ڏينهن اها ڳالهه مارئي جي پيءُ (پالڻي) سان اوريائين. مارئي جو سنگ شروع کان ئي سندس سوٽ کيت کي ڏنل هيو پالڻي ڦوڳ کي رشتو ڏيڻ کان صاف انڪار ڪيو. اهڙي انڪار ڪرڻ تي ڦوڳ جو غصو ۽ ڪروڌ وڌي ويو ان غصي، حسد ۽ ساڙ ۾ پڄرندي مارئي کي نقصان پهچائڻ جو پڪو پهه ڪيائين ۽ اها سموري ماجرا عمر سومري (حاڪم) کي ٻڌايائين عمر سومري ٻڌل ڳالهه تي اعتبار ڪري مارئي کي پالوا ڳوٺ مان صبح جو کوه تان اٺ (جتوڻ) تي ڪڍي عمر ڪوٽ ۾ قيد ڪيو عمر سومري قيد ڪيل مارئي کي شاديءَ جي لاءِ مختلف قسم جون لالچون ڏيڻ لڳو ليڪن مارئي سون تي سيڻ مٿائڻ ڪڏي ڪَريت پاتيو. نيٺ عمر سومرو مارئي جي اڏول ارادن اڳيان هار کائي مارئي کي آزاد ڪري ڇڏيو مارئي جڏهن پنهنجي اباڻي ديس پهتي ته سندس سوٽ (مگينڊي) کيت شڪ جي نگاه سان ڏسڻ لڳو. ان ڳارائي ۾ ڳري مارئي پنهنجي مٽيءَ ۽ مارن تان قربان ٿي سنڌي ادب ۾ مارئي جو ڪردار وطن جي حب جو هڪ اهڃاڻ ٿي پيو آهي. شاه لطيف کان پوءِ جديد سنڌي شاعريءَ ۾ مارئي جي ڪردار کي تجديد سان پيش ڪيو ويو آهي هي سرنج قومپرستيءَ ڪري سنڌ واسين جي دلين ۾ جڳهه ناهي چڪو آهي.

مارئي پنهنجي اباڻي ريت تي قائم رهندي، بادشاه جي ڏنل لالچن کان انڪار ڪري ٿي شاه لطيف، پنهنجي ڪلام جي ڪردار مارئي جي زباني هن ريت بيان ڪئي آهي

سون برابر سڳڙا مارو، سندا مون،
پٽولا پنهوار کي، عمرا آڄ مَ مون،
ورلوئيءَ جي لون، ڏاڏاڻن ڏيهار جا. (5)

6. سورٺ

راءِ ڏياچ نالي هڪ هاڪارو بادشاه جهوناڳڙه تي حڪومت ڪندو هيو. ڪيس هڪ ڀيڻ هئي جنهن کي اولاد نه هيو. ڪنهن درويش چيو هيس ته " تو کي پٽ جو اولاد ٿيندو پر اهو تنهنجي ڀاءُ جو سر ڪٽيندو " ڪجهه عرصي کان راءِ ڏياچ جي ڀيڻ کي پٽ جو اولاد ٿيو. جنهن کي هڪ صندوق ۾ بند ڪري درياءَ ۾ لوڙهيو ويو اها صندوق راجا انيراءِ جي ملڪ ۾ اچي پهتي اها صندوق هڪ چارڻ کي هٿ آئي جنهن ان ٻار کي پاليو ان جو نالو ٻيجل رکيو. ٻيجل جوانيءَ ۾ وڏي درديلي انداز سان سرندو وڄائيندو هيو. ان آواز تي پکي پکڻ ۽ انسان موهت ٿي ويندا هئا. جڏهن ٻيجل چانڊو هيو ان ئي ڏينهن ۾ راجا انيراءِ کي ڌيءُ ڄائي هئي. گهڻيئن نياڻين هجڻ سبب اها نياڻي صندوق ۾ بند ڪري درياه جي حوالي ڪئي هئي. اها صندوق راءِ ڏياچ جي ملڪ ۾ رتني ڪنڀار کي هٿ آئي ان کي رتني پالي وڏو ڪيو. ان جو نالو سورٺ رکيائين سورٺ جي سونهن جي هاڪ ٻڌي راجا انيراءِ رتني کان سنگ جي گهر ڪئي، ان کي خبر نه هئي ته هيءَ پنهنجي نياڻيءَ جو سنگ گهري رهيو هو. اها خبر جڏهن راءِ ڏياچ کي پئي ته رتني ڪنڀار کي ڏاڍي ملامت ڪيائين ۽ سورٺ کي پنهنجي محل ۾ رکيائين راجا انيراءِ کي جڏهن اها خبر پيئي ته راءِ ڏياچ کان بدلو وٺڻ جي لاءِ سٽ سٽڻ لڳو هن سڄي ملڪ ۾ اعلان ڪرايو ته جيڪو راءِ ڏياچ جو سر ڪٽي ايندو ان کي انعام اڪرام ڏنا ويندا. ٻيجل جي زال اهو سودو ڪري ورتي. ٻيجل پنهنجي گهرواريءَ جي وچن کي پاڻي ڏيڻ جي لاءِ، سرندو ڪلهي جهوناڳڙه روانو ٿيو راءِ ڏياچ کي ٻيجل جي سرندي جو آواز وڻي ويو. ٻيجل انعام اڪرام وٺڻ کان انڪار ڪيو ۽ سر جي سيڻ هنئي. راءِ ڏياچ پنهنجي هٿن سان سرو وڍي سر تان جان قربان ڪئي جڏهن ٻيجل راءِ ڏياچ جو سر ڪٽي انيراءِ بادشاه وٽ آيو ته انيراءِ جي دل کي صدمو رسيو ۽ ٻيجل کي هڪ سخي مرد جو سر وڍڻ تي ملامت ڪيائين، ٻيجل جهوناڳڙه روانو ٿيو. جتي سورٺ باه جي آڙاهه ۾ پاڻ وجهي ستي ٿي. ٻيجل به پنهنجو جسم باه جي حوالي ڪيو

شاه لطيف سُر سورٺ ۾ راءِ ڏياچ جو سر تان قربان ٿيڻ کان پوءِ جو منظر هن ريت بيان ڪيو آهي

گل ڇنو گلزار جو، پٽڻ ٿيون پٽين،
سهسين سورٺ جهڙيون، اپيون اوسارين
جوتا چارڻ هٿ ۾، سر سنگار يو ڏين
تاريون ناڏ ڪرين، راڄ رات رمگيو (6)

مطلب ته

شاه لطيف پنهنجي آفاقي ڪلام ۾ ڪٿي پاڻ ڪردارن کي بياني رنگ ۾ پيش ڪري ٿو ته ڪٿي وري انهن ئي ڪردارن کان مڪالمي واري انداز ۾ گفتگو ڪرائي ٿو

سماج ۾ عورت جي ڪرندڙ عزت، وقار ۽ سماجي ڏڪار کي نظر ۾ رکندي، شاه لطيف سڀ سورميون غريب ۽ هيٺين طبقي مان چونڊيون. جن کي عام ۽ خاص ماڻهن ڪو ڌيان ڏيڻ جي قابل نه سمجهيو هيو. نظمي ڪهاڻين ۾ نو ڪهاڻيون آهن. جن تي مرد کان وڌيڪ عورتون حاوي آهن

سڀني ڪهاڻين جي رڻا جو دارومدار پنهنجي سورمين تي رکيو اٿس. سواءِ ٻن سرن جي هڪ سر گهاتو ۽ ٻيو سر ڪيڏارو.

شاه لطيف پنهنجي ڪلام ۾ سورمين جي ساماهون سورمن کي بيان ڪندي عورت جي عظمت، عزت، بهادري، ايثار، آزادي جي پختگي ايڏي ته سچائيءَ سان بيان ڪئي آهي، جو سورما پنهنجو جوهر وڃائي ويهن ٿا.

مارئي ٿر جي غريب ۽ مسڪين پالڻيءَ جي نياڻي، نوري غريب مهاڻي جي ڌيءُ، سهڻي ڪنڀر جي ڌيءُ، سسئي ٻانڀڻ جي ڌيءُ جيڪا غريب ڌوٻيءَ وٽ پلجي ٿي، لطيف سرڪار غريب گهرائن مان سورميون چونڊي اهو ثابت ڪيو آهي ته غريبن ۾ ئي گڻن جي کاڻ آهي.

لطيف سرڪار پنهنجي شاعريءَ ۾ پيش ڪيل ڪردارن جي مکيه گڻن ۽ اهم واقعن کي قلمبند ڪيو آهي. هن ڪنهن قصا گو جيان مڪمل پيرائتي نموني پورو داستان يا قصو بيان نه ڪيو آهي، ڇاڪاڻ جو اهي قصا سنڌي سماج ۾ اڳائي دور کان ئي گهڻا مشهور ٿي چڪا هئا.

سسئي پنهونءَ جو داستان پنجن سرن تي مشتمل آهي، انهن پنهنجن ئي سرن جي نالن جي معنيٰ ۽ مفهوم سسئي سان جڙيل آهي.

جيتوڻيڪ راءِ ڏياچ واري قصي ۾ مکيه ڪردار سورٺ ۽ راءِ ڏياچ آهن پوءِ به سر سورٺ سان مڪمل سر ملي ٿو

حوالا

شاهواڻي، غلام محمد، شاه جو رسالو (سر سهڻي، داستان پهريون)، حيدرآباد: سنڌي ساهت گهر سال 2013ع، ص 110
شاهواڻي، غلام محمد، شاه جو رسالو (سر سسئي آبري، داستان چوٿون)، حيدرآباد: سنڌي ساهت گهر سال 2013ع، ص 115
شاهواڻي، غلام محمد، شاه جو رسالو (سر ليلان چنيسر داستان ٻيو)، حيدرآباد: سنڌي ساهت گهر سال 2013ع، ص 233
شاهواڻي، غلام محمد، شاه جو رسالو (سر مومل راڻو داستان چوٿون)، حيدرآباد: سنڌي ساهت گهر سال 2013ع، ص 248
شاهواڻي، غلام محمد، شاه جو رسالو (سر مارئي، داستان ٽيون)، حيدرآباد: سنڌي ساهت گهر سال 2013ع، ص 266
شاهواڻي، غلام محمد، شاه جو رسالو (سر سورٺ، داستان چوٿون)، حيدرآباد: سنڌي ساهت گهر سال 2013ع، ص 308

مددي ڪتاب

شاه جو رسالو: ڪلياڻ آڏواڻي
شاه جو رسالو: غلام محمد شاهواڻي

***

ڪُهي سو ڪَرَ لَهَي، ڪوئي سو قَرِيبُ؛
اِها عادتَ سِڪيو، هَر زَمان حبيبُ؛
تِچي سو طبيبُ، سوئي راحتَ رُوحَ جِي.

حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائي رح جي شاعري هر فرد لاءِ رهنمائي آهي

تحرير: عبدالفتاح عباسي

سنڌ جي ڌرتي الله لوڪ بزرگ هستين جو مسڪن ۽ ماڳ اصل کان آهي. جنهن ۾ هڪ کان هڪ اولياءَ الله، ڪامل، صوفي بزرگ، درويش عارف بالله ملن ٿا. انهي خوشنصيب سنڌ جي ڌرتيءَ تي پوري دنيا جي مڃيل شاعر، شاعرن جي سرتاج حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائي رحمت الله عليه پهرين رجب 1102 هه بمطابق 18 نومبر 1689ع تي حيدرآباد ضلع جي هالا تعلقي ۾ هالا حويلي ڳوٺ ۾ پيدا ٿيا. شاه عبداللطيف ڀٽائي رحمت الله عليه هڪ درويش الله لوڪ ڪامل اڪمل هستي هيا سندن سان اڪثر ٽي ڪتاب گڏ هوندا هيا. جن ۾ قرآن شريف، مولانا جلال الدين روميءَ جي مثنوي ۽ شاه عبدالڪريم بلڙي واري جو رسالو هوندو هو. ڀٽائي سرڪار رح سمورو وقت رياضت، عبادت، شعر گوئي ۽ قدرت جي جمال پسڻ ۾ صرف ڪندو هو قدرت جا من موهيندڙ نظارا سندن وجد ۾ آڻي ڇڏيندا هيا. شاه سائين جا وڏڙا هالا بعد ڪوٽڙي رهائشي ٿيا پر شاه سائين خلوت جي عشق ۾ ڪوٽڙيءَ ۾ بجاءِ پنهنجي سير سفر دوران اچي ڪراڙ ڍنڍ کي وساريو. فقيرن سان گڏ انهي واريءَ جي دڙي مٿان جيڪي مٽيءَ تي پنهنجي لاءِ هڪ جهوپڙي اڏيائين اتي هڪ ننڍڙي مسجد ۽ پنهنجي ابي امڙ لاءِ هڪ حويلي به اڏيائين ۽ فقيرن کي رهڻ لاءِ حدون مقرر ڪري ڏنائين شاه لطيف سائين رح جو وصال پهرين جنوري 1752ع بمطابق 14 صفر 1165 هجري ۾ ٿيو. سندن جي مزار ڀٽ شاه حيدرآباد ۾ آهي جتي لکين عقيدتمند، زائرين، پانڌيڙا سڄي دنيا مان عقيدت سان حاضري ڀرين ٿا. ڪر طريقت تڪيو شريعت سڄاڻ هنشون حقيقت هير تون، ماڳ معرفت ماڻ. هوءِ ثابوتي ساڻ. ته پسڻ کان پالهو رهين سنڌ جي سونهن ۽ شاعرن جي سرتاج حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائي رحمت الله عليه جي شاعريءَ جا رنگ ڍنگ، مزاج ۽ ڪيفيتون سنڌ جي ماروئڙن جي چٽي عڪاسي جو اظهار ۽ درد جو واضع نمونو آهن. تنهن ڪري فرمايائون ته ڪر طريقت تڪيو، شريعت سڄاڻ. هنشون حقيقت هير تون، ماڳ معرفت ماڻ، هوءِ ثابوتي ساڻ. ته پسڻ کان پالهو رهين شاه حضرت عبداللطيف ڀٽائي رحمت الله تعاليٰ عليه جيتوڻيڪ باطن ۾ هڪ ڪامل ولي الله، عارف بالله ۽ عظيم روحاني هستي هيا، انهي ڪري هو پنهنجي آقا و مولا حضرت محمد مصطفيٰ ڪريم صلي الله عليه وسلم جي پاڪيزه شريعت مطهره کي خلق خدا ماڻهن جي صحيح هدايت دڳ سڏيندي واضع ڪيو آهي ته طريقت ۽ شريعت جي دامن سان ٻئي جهان ڪاميابيءَ سان همڪنار ٿين ٿا، جڏهن اهي ٻئي نعمتون ملي وڃن ٿيون ته پوءِ ماڳ معرفت ماڻ ۽ پوءِ جڏهن اهي ٻئي طريقت ۽ شريعت جي ثابوتي ساڻ هجي ته پوءِ پسڻ کان پالهو رهين. سهڻي لطيف روحاني رمز جا راز بيان ڪندي فرمايو ته " تن تسبيح من مڻيو، دل دنبورو جن. تندون جي طلب جون، وحدت سر وڄن، وَحدهٗ لا شريڪ لهٗ، اهو راڳ رڳن، سي ستائي جاڳن. تنهن عبادت تن جي. جن جو جسم ماڻهو آهي ۽ من ماڻها جو ڏاٿو ۽ دل تنبورو جنهن جي طلب جون تارون. مولا ڪريم رب العالمين جي هيڪڙائيءَ جي راز سان پيشون وڄن، اهو مالڪ هڪ ئي آهي جنهن جي جيتري به حمد و ثنا ڪرون اها گهٽ آهي، سندس جو ڪو شريڪ (مت ناهي). اهو ئي راڳ سندن رڳون پيشون ڳائين. انهن ڪامل، اڪمل مرد قلندر شخصيتن جي بظاهر سمهڻ به بيداري، مثل آهي ۽ انهن عظيم هستين جي تند به بندگي عبادت ۾ شمار ٿئي ٿي ڇاڪاڻ ته الله جا ڪامل ولي بزرگ رضاءِ الاهي ۾ ايترا ته مستغرق ۽ فنا هوندا آهن جو انهن کي پنهنجي آرام، آسائش ۽ دنيا داريءَ جو ڪو پتو ئي نه پوندو آهي. تنهن ڪري ته هڪ ٻي جاءِ تي ڀٽائي گهوٽ فرمايو آهي ته " وحده لا شريڪ له، ٻڌءِ ته ٻوڙا. ڪر تو ڪنين نه ٻڌا، جي گهٽ اندر گهوڙا، ڳاڙيندين ڳوڙها، جت شاهد ٿيندءِ سامهان، رب ڪريم هڪ آهي ۽ انهي جو ڪوئي ثاني ناهي. اي ٻوڙا! تو اها وائي نه ٻڌي آهي، هيءَ جو تنهنجي اندر ۾ هڪلون ضمير جون پڪارون پيشون پون سي ڇا ڪنن سان نه ٻڌيون آهن. جتي تنهنجي سامهون شاهد اچي بيهندا. اتي هنجون هاڙهيون ٻوندئي جيئن فرمائن ٿا ته اول الله عليم، اعليٰ عالم جو ڌڻي، قادر پنهنجي قدرت سين قائم آهي قديم، والي واحد وحده رازق رَبُ رحيم، سو ساراهه سچو ڌڻي، چئي حمد حڪيم، ڪري پاڻ ڪريم، جوڙون جوڙ جهان جي معنيٰ ته اڳ ۾ ٻهريان ئلو ملڙي رب ڪريم ڪائنات جي حقيقي مالڪ خالق جو جيڪو سڀ ڪجهه ڄاڻيندڙ آهي ۽ ذري ذري جو مالڪ آهي. جنهن جي حڪم کان سواءِ ڪا به شيءِ چري پري نٿي سگهي، هو سگهارو پنهنجي سگهه سان اصل کان وجود ۾ آهي ۽ سڀ کان اڳاتو آهي. هو جڳ جهان جو والي آهي، هو هڪ آهي ۽ سڀني جو پالڻيندڙ ۽ پاجهارو آهي، انهيءَ سڄي سائين جي ساراهه ڳاءِ ۽ انهيءَ رب العالمين جي واکاڻ ڪر. هو مهرپريو پنهنجي ڪاريگريءَ سان ساري جهان جو جنسار جوڙيو آهي. جنهن کي ڏسندڙ ۽ عقل ڏاريندڙ حيرت ۾ پئجي وڃن ٿا ته واهه رب العالمين تنهنجي قدرت جو ڇا ته شاندار ڪمال آهي انهيءَ ڪري ڀٽائي سرڪار فرمايو ته پاڻهين جل جلال، پاڻهين جان جمال، پاڻهين صورت پرينءَ جي، پاڻهين حسن ڪمال، پاڻهين پير مريد ٿئي، پاڻهين پاڻ خيال، سڀ سڀوئي حال، منجهان ئي معلوم ٿئي. ملڙو رب ڪريم پاڻ ئي وڏي شان وارو آهي ۽ پاڻ ئي سونهن جو جوهر (تت) آهي. هو پاڻ ئي پرينءَ جو روپ آهي ۽ پاڻ ئي پوري سونهن آهي. هو پاڻ ئي مرشد ۽ پاڻ ئي مريد ٿو ٿئي، هو پاڻ ئي خيال ۽ آهي جنهن مان هيءَ سمورو ماڻڊاڻ يا پسار نروار ٿيو آهي اهو سمورو حال اندر مان ئي ٿو پروڙي سگهجي، جنهن ڪري وڌيڪ فرمائن ٿا ته پاڻهين پسي پاڻ کي، پاڻهين محبوب، پاڻهين خلقي خوب، پاڻهين طالب تن جو هو پاڻ ئي پرين آهي ۽ پاڻ ئي پنهنجي سونهن پيو پسي، هو پاڻ ئي سهڻيون شيون ٿو ناهي بڻائي ۽ وري پاڻ ئي انهن تي فدا ٿو ٿئي معنيٰ ته انهن پنهنجن ٻانهن ٻندن سان پيار محبت ايتري ڪري ٿو جو والدين کان به 70 دفعا وڌيڪ محبت ڪري ٿو ۽ مالڪ کي پنهنجي مخلوق ڏاڍي پياري آهي. ڀٽائي گهوٽ رحمت الله تعاليٰ عليه فرمائين ٿا ته عاشق زهر پياڪ. وهُ ڏسي رهسن گهڻو، سڪڙي ۽ تاتل جا. هميشه هيراڪ. لڳين لنو لطيف چئي، فنا ڪيا فراق. توڻي جڪنن چاڪ. ته به آڏو ٿر سلن عامَ کي. معنيٰ ته اصل کان عاشق زهر پيئندڙ آهن ۽ وهه کي ڏسي ٽڙن ٿا. هو هميشه ڪوڙي ۽ جان نهوڙيندڙ عشق جي آڙاهه ۾ هريل آهن. هنن کي نيتهن جو نيش لڳل آهي ۽ وڇوڙي ڪين وڏي فنا ڪري ڇڏيو آهي. توڙي سندن زخم ڪڙهن پيا ته به هو خلق اڳيان آهه به نه ٿا ڪڍن. وڌيڪ فرمائن ٿا ته جن کي دور درد جو. سبق سور پڙهن، فڪر ڦرهي هٿ ۾، ماٽ مطالع ڪن. پنو سو پڙهن. جنهن ۾ پسن پرينءَ کي. جيڪي اندر درد جي درس جو دور ڪن ٿا. سي سور جوئي سبق پيا پڙهن. انهن جي هٿ ۾ خيال جي ڦٽي آهي ۽ هو ماٽ جو اڀياس پيا ڪن. هو اهو ئي ورق پيا پڙهن. جنهن ۾ پرينءَ کي ٿا ڏسن ڀٽائي سرڪار رحمت الله عليه چون ٿا ته "پڙهيو ٿا پڙهن. ڪڙهن ڪين قلوب ۾، پاڻان ڏوهه چڙهن. جتن ورق ورائين ونرا. هن اعليٰ ترين شاعريءَ ۾ علماءِ سوءِ جيڪي رب کي ريجهائڻ ۽ خلق خدا جي خدمت ڪي نيڪيءَ جي رستي تي هلڻ جي دعوت ڏيڻ بجاءِ رڳو پنهنجي ڪاروبار ڌنڌي ۾ مصروف رکڻ لاءِ ۽ مذهب جي پاڪيزه نالي کي پنهنجي دڪانداري ۾ استعمال ڪندي هڪ طرف فرقيواريت، مذهبي تعصب تي مبني نفرت آميز ڳالهيون ڪري پنهنجي پيٽ جي پوڄا ڪندڙ نالي جي مولوين، ڏاڪرن، پنڊتن کي ننديو ويو آهي ڇاڪاڻ ته اهي انسانيت جي حقيقي صحيح راهه ڏسڻ بجاءِ ماڻهن کي گمراهه ڪرڻ جي راهه تي گامزن رهندي، رهندو ويڇا، وڇوٽيون، ڪروڌ ۽ ڪاوڙ واري فضا قائم ڪري رب جي مخلوق کي هڪ ٻئي کان پري ڪندا رهن ٿا. تنهن ڪري ڀٽائي گهوٽ فرمايو ته هو علماءِ سوءِ (پيٽ جي پوڄا ڪندڙ نالي جا علماءَ) انهن جي ڪتابن جي ورقن مٿان ورق پڙهڻ سان ثواب ملڻ بجاءِ، ويتر گناهه جا ڍير لڳندا وڃن ٿا. هو دل قلب سان ذرو به نٿا پڙهن ۽ انهن محبت پري اسرار کي دل ۾ هنڊائڻ بجاءِ پنهنجي پيٽ جي پوڄا ڪندي شر انگيزي سان پنهنجي دڪانداري ڪري ته صرف دنيا پر آخرت جي بهتريءَ بجاءِ بربادي گڏ ڪندا رهن ٿا. تنهن ڪري انهن مٿان ويتر گناهه پيا چڙهن جيئن جيئن گهڻا پنا ٿا پڙهن تيئن تيئن انهن کي قلب جي نظر نه هجڻ سبب بهتريءَ بجاءِ تنگ نظري ملندي رهي ٿي. جڏهن ته اڳتي وري اهي سٽون به واضع ڪيون اٿائون ته " طالب ڪنهن سونهن اي روميءَ جي رهاڻ. پهرين وڃائڻ پاڻ پسڻ پوءِ پرين جو. جيڪي مالڪ حقيقي رب العالمين جي محبت جي مزي ۾ مستغرق ٿيڻ جا خواهشمند آهن. طلب ڪندڙ آهن سي ضروري آهي ته پهريون پنهنجي وجود خاڪيءَ کي وڃائيندا پوءِ ڏسو ته ڪيئن نه انهن مٿان رب ڪريم جي مهربانين جي بيشمار ٻالوٽ ٿيڻ لڳي ٿي. تنهن ڪري ته چيو ويو آهي ته "پهريون وڃائڻ پاڻ. پسڻ پوءِ پرين جو. هي جيڪي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ اولياءُ الله، ڪاملين جون مزارون ڏسو ٿا انهن ڏانهن روزانو هزارين لکين ماڻهن جون حاضريون آهن. اتي درود و سلام جون سجايل محفلون. قرآن پاڪ جي تلاوت، فاتحه خوانيءَ جا سلسلا جاري و ساري آهن. ياد ڪرڻ گهرجي ته مزارات تي ايندڙ ماڻهن جي ناچ، گانن، ڍهل ڍماڻن سان جماعت اهلسنت "الصلوات والسلام عليڪ يارسول الله" پڪارڻ وارن جو ڪو تعلق ناهي جيڪي مزارات تي مسخري، مذاق ۽ ڍهل، ناچ گانن جو رواج ۽ رسم قائم ڪندڙ آهن يقينن اهي دين اسلام جي عظيم بزرگ هستين جي ٻڌايل پيغام کي وساري ويٺا آهن ۽ انهن چند ماڻهن جي انهيءَ غلط فعل سبب اسلام جي صحيح تصوير جو ٻيو رخ پيش ٿيڻ سبب پوري دنيا ۾ مزارات تي ناچ گانن جون محفلون سجائيندڙن لاءِ غلط تاثر پيش ٿي رهيو آهي. جڏهن ته دنيا جي ٻين ملڪن پر حضرت علي هجويري رح داتا دربار لاهور سميت پنجاب جي ٻين مزارات تي خرافات جي عمل کي روڪڻ لاءِ سختي ۽ قانون نافذ آهي سواءِ سنڌ ۾ ڪٿي به مزارات کي مسخري مذاق نه بڻايو ويو آهي اسانجي عظيم بزرگ هستين هميشه الله ۽ الله جي رسول صلي الله عليه وسلم جي ٻڌايل واٽ تي قائم رهندي حق و سچ، طريقت ۽ شريعت جي واٽ تي هلندي نيڪيءَ جي دعوت کي عام ڪرڻ جون ڪوششون ڪيون جهڙي طرح هن دور ۾ پوري دنيا ۾ دعوت اسلاميءَ جا باني سربراهه حضرت علامه مولانا محمد الياس "عطار" قادري رضوي نگر نگر، وستي وستيءَ ۾ نيڪيءَ جي دعوت کي عام ڪرڻ لاءِ بيمثال خدمتون ڏيڻ لاءِ مصروف عمل آهن. هن مرد قلندر جهڙي طرح سنت رسول الله صلي الله عليه وسلم کي گهر گهر پهچائڻ لاءِ ڏينهن رات هڪ ڪندي پرچار ڪئي آهي، جنهن تي ملڪ ۽ پرڏيهه ۾ نوجوانن جي دعوت اسلامي مدني تحريڪ جي ساراهه ڪرڻ کان سواءِ نٿو رهجي سگهجي ڇاڪاڻ ته نه صرف هڪ ملڪ ۾ پر انهي ملڪان ملڪ مدني رنگ سان ڀرپور نيڪيءَ جي دعوت جو ڪم سرانجام ڏيئي اعليٰ ترين ڪم ڪري ڏيکاريو آهي. ڀٽائي سرڪار وڌيڪ پنهنجي رب العالمين جي محبت ۾ مستغرق ٿيڻ لاءِ اهو واضع ڪندي فرمايو آهي ته " اکر پڙهه الف جو ورق سڀ وسار، اندر تون اجار، پنا پڙهندين ڪيترا. تون هڪ الف جي ئي اکر پڙهه. ٻيا سڀ پنا دل تان ميساري ڇڏ. تون پنهنجو اندر ذوتي صاف ڪر. گهڻا ورق پڙهي گهڻا پڙهندين معنيٰ ٻين ڳالهين بجاءِ رڳو "الف" وارو "الله جل جلالهٗ" وارو اکر پنهنجي قلب ۾ هنڊائي ڇڏ انشاءَ الله تعاليٰ ٻئي جهان موچارا بڻجي ويندا. انهيءَ جي ڪري ئي ڀٽائي سرڪار وڌيڪ واضع ڪندي فرمايو ته " ڇا کي وڃيو ڇڳ، ٻيلي ٿئين ٻين جو، وٽ ڪنجڪ ڪريم جي. جڳ جو والي جو سو ڪو هوندو سو. جنهن جو عشق الله سين. تون ڇا لاءِ وڃي ٿو ٻين جو ٻانهو ٿئين. ڏٺي مالڪ حقيقي جي عبادت ۾ مشغول ۽ مصروف ٿي وڃ. جيڪو جهان جو مالڪ آهي. سڪيو اهو هوندو جنهن جو لنهن پنهنجي مالڪ رب العالمين سان هوندو. ڪر الله روز شب آخرڪن آخر ننا. حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائي رحمت الله عليه هر وقت هر دم عمل لاءِ اتساهه ڏياريندي هو سڪتي توڪل جو پرچار ڪرڻ بجاءِ عملي ڪرڻ کي اهميت ڏيندي چوي ٿو ته ڏم پاسو ڏڪ سين، ڪاند ڪتوري هو، چپر ڪين ڏئي. سو ڪڙيون سٽن ڪي. انسان جو فرض آهي ته همت ڪري مشڪل ۾ منهن وجهي، ان جو حل پاڻهي الله پاڪ پيدا ڪندو ڪجهه پنهنجي ڪوشش ڪجهه خدا جي مدد شامل حال ٿئي ٿي تنهن ڪري چيو ويو آهي ته هلڻ ۾ سوڀ آهي. ويهڻ ۾ هار ته ويٺن لاءِ واهر آهي، ته سٽلن لاءِ سات. دلي مقصد اهي ٿا حاصل ڪن جن ڪشالن ۾ منهن وڌو آهي ويلين ناه وراڪو ستين ڪونهي سنگ. هوت هلندين ڪتين جن تڳن چاڙهيو انگ. اڳيان رڻ هجي يا جبل. سمهڻ جي جهنگل ته به دهلجي ويهڻو ناهي، پر سر جو سانگو نه ڪري، اڳيان ڌڪي پوڻو آهي پوءِ ئي رڻ مان ڪٿوري جبل مان لعلون، مهراڻ مان موتي ۽ جهنگل مان قل قول هٿ ايندا. بحر ۾ گهڙيندڙن کي ماڻڪ ٿا ملن. ڪناري تي ويهندڙن کي ڪوڏ ۽ سٽيون من ٿيون. دنيا عمل جو ميدان آهي جتي دل جا وهم وساري سچي سوره ونگر سوڀ لاءِ لوڙهڻو آهي. سوره مرين سوڀ کي. دل جا وهم وسان بي همت انسان مان قدرت به بيزار آهي. بيڪار ۽ آرام پسند انسان کي جڳائي ته قدرت ڏانهن نظر ڪري ۽ ان مان محنت جو سبق وٺي. انسان پاڻ به قدرت جو جزو آهي، پوءِ جنهن صورت ۾ سج، چنڊ، تارا، سمنڊ ۽ نهرون هميشه هلن پيا، تنهن صورت ۾ ڪيس ڪيئن واجب آهي ته ٻي ڏي توجهه ئي پنهنجي زندگي بيڪاريءَ ۾ برباد ڪري ڇڏي. زندگي نالو ئي جستجو ڪوشش ڪرڻ ۽ پاڻ پتوڙڻ جو آهي ۽ حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائي رح جي سموري شاعري پوري انسانيت جي خير خواهي تي مبني آهي سندن شاعريءَ جي لفظ لفظ ۾ پاڻ کي سڃاڻڻ سميت خود داريءَ ۽ عشق رسول الله صلي الله عليه وسلم ۾ مستغرق ۽ فنا ٿي پنهنجي زندگي گذارڻ جو ڏڳ ٻڌايو ويو آهي. سونهن ۽ خوبصورتي جي هن شاعرن جي سرتاج پنهنجي زندگي اجائي ڪمن بجاءِ رب ڪائنات جي احڪامات ۽ پياري آقا و مولا حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم جي اطاعت شريعت جي پاسداريءَ، جو رستو قرار ڏنو ويو آهي سندن جي انمول ۽ ناياب قسم جي شاعري ذريعي ڪاميابيءَ جو رستو حاصل ڪرڻ لاءِ " شاه جو رسالو" هر گهر جي ضرورت آهي. ڇاڪاڻ ته محبت اسرار رمز و ڪمالات جي پنڌ ۾ آهي ئي دنيا آخرت ۾ ڪاميابي حاصل ڪندا جنهن کي تڙپ ولولو جوش ۽ جذبي جي توفيق مليل هجي. ٻالي رسمي ماڻهو واهه واهه ڪرڻ وارا گهڻائي نظر ايندا آهن. شاه جي شاعريءَ ۾ جوان مردي جو حوصلو آئت، اميد ۽ هڪ قسم جي تڙپ سمايل آهي جنهن لاءِ هر انسان کي شاه جي شاعريءَ جو مطالعو ڪرڻ ضروري بڻجي ٿو

بقايا ❋❋❋ 01

1774 پوائنٽس جي گهٽتائي سان 44470 تي پهچي ويو. اڄ جي ڪاروبار ۾ 3.5 سيڪڙو کان وڌيڪ جي گهٽتائي آهي پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج هن وقت ٽائين گذريل ٽن سيشنز دوران 2900 جو نقصان ٿي چڪو آهي ۽ اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ تيزي سان گهٽتائي سبب سود جي شرح وڌڻ جو امڪان آهي اقتصادي تجزيه نگار محمد سهيل جو چوڻ آهي ته ريٽي جي قدر ۾ گهٽتائي ۽ وياج جي شرح وڌڻ جو خدشو اسٽاڪ مارڪيٽ ۾ گهٽتائي جو سبب آهي.

بقايا سنڌيار 01

آهن ۽ پائر وري پيٽرن کي تحفا ڏيئي پاڪ ۽ پوتر رشتن جو پرم رکندا آهن راکي ٻڌڻ جون شاندار تقريبون ڪونائي ڏيا جلائي مٺائي ۽ چانور ۽ راکي سان سجائي ٿالهي ۾ پيش ڪري ڪارائي ويندي آهي ۽ راکي ٻانهن تي ٻڌائي ويندي آهي ۽ پائرن جي وڏي ڄمار لاءِ مندرن ۾ پرچا پاٺ ڪئي ويندي آهي

بقايا سنڌيار 02

سلسلو هلندڙ آهي. پيپلزپارٽي جي اڳواڻي ايم اين اي نفيسا شاهه. ايم پي اي ميڊم غزاله سيال، غلام مرتضيٰ شاهه ۽ ٻين شهيد فاطمه ڦرڙو جي تڏي تي پهچي سندس وارثن سان تعزيت ڪئي، هنن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته هي واقعو انتهائي ڏکوئيندڙ آهي، ان ۾ ملوث مڙني جوابدارن کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ آڻي سخت کان سخت سزا ڏني وڃي. هنن وڌيڪ چيو ته شهيد فاطمه ڦرڙو جي وارثن کي تحفظ ڏئي سندن مالي سهائتا ڪئي وڃي افسوس جو اظهار ڪيو ۽ هر ممڪن مدد ڪرڻ جي خاطري ڪرائي

بقايا سنڌيار 03

تفصيل موجب ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي جي هدايت تي اسسٽنٽ ڪمشنر ڏهرڪي ردا زهرا ٽالپر، مختيارڪار اشرف علي ڀٽائي سميت لاڳاپيل عملدارن کي ساڻ ڪري سول اسپتال ڪان دادن خان مهرچوڪ تائين تعمير ٿيل ٿئين روڊ جو دورو ڪري ڪم جي معيار جو جائزو ورتو. ان موقعي تي هن لاڳاپيل عملدارن کي هدايت ڪندي چيو ته هلندڙ ترقياتي اسڪيمن جي ڪم جو معيار بهتر کان بهتر ڪيو وڃي ته جيئن هتان جي عوام کي لاڀ ملي سگهي ان سلسلي ۾ ڪنهن به قسم جو سمجهوتو نه ڪيو ويندو هن چيو ته ڊپٽي ڪمشنر جي هدايتن موجب جيڪڏهن اسڪيمن ۾ ناقص مٽيريل استعمال ڪيو ويو ته لاڳاپيل انجنيئر توڙي ٺيڪيدار خلاف رپورٽ فراهم ڪئي ويندي.

بقايا سنڌيار 04

گرفتار ڪرڻ جي دعوا ڪندي مٿس سرڪار جي فرياد تي بوزدارودا ٿاڻي تي گناهه نمبر44/2023 قلم 9cتحت ڪيس داخل ڪري ڪيس لاڪپ ڪري ڇڏيو آهي.

بقايا سنڌيار 05

ڪيا ويا آهن جنهن سبب علائقي واسي عذاب ۾ اچي ويا آهن ان حوالي سان علائقي واسين الياس جوڻيجو، محمد حنيف ۽ ٻين صحافين کي ٻڌايو ته نئون ڪوٽ جي رهائشي ۽ ڪمرشل علائقن ۾ ايل پي جي جا غيرقانوني دڪان قائم ڪيا ويا آهن جنهن جي ڪري ڪنهن به وقت اڻٽنندڙ واقعي جو خدشو آهي. هنن چيو ته ٽرپارڪر کي ميرپورخاص حيدرآباد سان ملائيندڙ مصروف ترين مين روڊ پرسان نئون ڪوٽ جي هائير سيڪنڊري اسڪول جي گيٽ سامهون ايل پي جي جو دڪان کولڻ سان گڏ اسٽيشن روڊ بس اسٽاپ، سونارا مارڪيٽ ۾ مسافر گاڏين کي سپلائي ڪرڻ لاءِ دڪان کوليا ويا آهن. هنن چيو ته جتان وڏي تعداد ۾ اسڪولي شاگردن مسافرن جو گذر ٿيندو آهي، جتي فيميل رهائشون ۽ ڪاروباري مرڪز آهن اتي ايل پي جي گئس سلينڊر کي روڊ تي رکيو ويو آهي جيڪي ڪنهن به وقت موت جو ڪارڻ بڻجي سگهن ٿا هنن ڊپٽي ڪمشنر ميرپورخاص ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر جهڏو کان ڪارروائي جو مطالبو ڪيو آهي ته مصروف ترين علائقي ۾ ڪليل غيرقانوني ايل پي جي جي دڪانن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي، هوڏانهن رابطو ڪرڻ تي اسسٽنٽ ڪمشنر جهڏو ريحان ڏيٿو ٻڌايو ته نئون ڪوٽ ۾ قائم ايل پي جي جي غيرقانوني دڪانن خلاف جلد ڪارروائي ڪئي ويندي.

بقايا سنڌيار 06

هن اداري لاءِ وڏيون خدمتون آهن جيڪي هميشه ياد رهنديون ان موقعي تي گل حسن سهتو سيني استاد صاحبان جو شڪريو ادا ڪيو ۽ ڪلاسن ۾ وڃي شاگردن کان به موڪلايو

بقايا سنڌيار 07

آهي ته جماعت اسلامي بهترين تنظيم آهي، جماعت اسلامي عوام جي خدمت ڪرڻ چاهي ٿي. الله انسان کي قيمتي بڻايو آهي.انسان پاڻ انسان جي بي توقيري ڪندو آهي. انسان ئي انسان کي قتل ڪري رهيو آهي. وڌيڪ هن چيو ته مديني منوره ڪانپوءِ پاڪستان واحد ملڪ آهي جيڪو نظريئي جي بنياد تي نهيو. پر اسان ان ملڪ جي ماڻهن کي چا ڏنو؟ملڪ ناهڻ وقت جيڪي قربانيون ڏنيون ويون پر 76 سالن ۾ عوام کي ڪجهه نه ڏنو ويو، اڄ پاڻ جج اعتراف ڪري رهيا آهن. 1807 انڊين پينل ڪوڊ کي اجان تبديل نه ڪيو ويو. هن چيو ته اسٽيسڪو جي چوڪيداري ٿي رهي آهي. ڪڏهن جرنيل، ڪڏهن ججز ته ڪڏهن سياستدان چوڪيداري ڪندا آهن. ان ملڪ تي جرنلن حڪومت ڪئي، عمران خان ۽ 13 جماعتي حڪومت به عوام کي ڪجهه نه ڏنو اڄ هي سب عوام کي جواب ڏيڻ جي قابل نه آهن. آزادي کان اڳ جيڪو ڪجهه انگريز ناهي ويوان کان وڌيڪ اسان جي حڪمرانن ڪجهه نه ناهيو. پاڪستان ۾ انصاف جي فراهمي ناقص آهي. هتي به پاڪستان آهن هڪ امير ۽ هڪ غريب جو آهي - پاڪستان ۾ انصاف جا دروازه سون جي چاٻين سان کلندا آهن. هن چيو ته اڪبر خان 44 سال بعد لاهور هاءِ ڪورٽ فيصلو ڏنو. 3 سال اڳ فوت ٿي ويو هو 3 مرلا زمين جو معاملو هو. معيشت شديد متاثر آهي. بجلي جا بل وڌائي ڇڏيا آهن. بجلي جي بلن ۾ اضافي خلاف جدوجهد جاري آهي. مان پنهنجي پاڻ کي محفوظ نه ٿو سمجهان. امن و امان خراب آهي. ژوب ۾ منهنجي جلسي ۾ خودڪش حملو ٿيو. هن چيو ته شهباز شريف فون ڪري چيو هو ته مان حقيقت معلوم ڪري ٻڌايان ٿو. شهباز شريف حڪومت هلي وئي پر حقيقت سامهون نه آئي. سنڌ ۾ به امن خراب آهي. فاطمه شهيد ۽ صحافي جان محمد مهر شهيد جا واقعا توهان جي سامهون آهن - چند ڌاڙيلن خلاف ڪاروائي چو نه ٿي ٿئي. رينجرز ۽ فوج موجود آهي پر ڪاروائي چو نه ٿي ڪئي وڃي. آئين مطابق 90 ڏينهن ۾ اليڪشن ڪرائي وڃي.

بقايا سنڌيار 08

پٽي ۾ تعلقي جاتي کي زرعي پاڻي فراهم ڪندڙ شاخن ۾ پاڻي ڪوٽ جي سبب ساحلي پٽي ۾ ڏڪار واري صورتحال خشڪ سالي جي صورتحال پيدا ٿيڻ تي آبادگارن ۽ ساحلي پٽي جي علائقن جي هارين زميندارن مالوند ماروئڙن پاران برسات لاءِ استسقاء نماز پڙهي دعائون گهريون وين ان موقعي تي صحافين سان ڳالهيون ڪندي آبادگارن جو چيو ته آبپاشي عملدارن پاران مبينا پاڻي وڪرو ڪري پوڇڙ تائين پاڻي نه ڇڏڻ تي آبادگارن عادل لغاري غلام علي سميجو گلزار ٿهيم الهڏنو پاڏائي اصغر ٿهيم جي اڳواڻي ۾ حافظ نظر محمد جت پاران استسقاء نماز ادا ڪئي ۽ بارگاهه الاهي ۾ برسات لاءِ دعا گهري وئي ميڊيا وارن سان ڳالهائيندي آبادگارن وڌيڪ چيو ته ظالم آبپاشي کاتي وارن اسان کي تباهه ڪري ڇڏيو آهي اسان جون آخري اميدون الله پاڪ ۾ آهن جنهن کان اسان دعائون گهريون آهن

بقايا سنڌيار 09

وگهي مرن ٿا هتي هٽي وني شراب خانا کولي نوجوان نسل کي تباهه ڪيو پيو وڃي / اڳواڻ. مذهبي عبادتگاهن ۽ مسلم ڪالونين جي وچ ۾ شراب خانو ڪنهن بي صورت ۾ کولڻ نه ڏينداسين مذمت نه ۾ رهائي مزاحمت ڪبي / اڳواڻ. شهر ۾ چرس آئيم سفينا سميت هر منشيات جو واهيو ريزڪي شين جيان ٿي رهيو آهي انتظاميا منٿلي عيوض تماشائي بڻيل آهي / اڳواڻ. پرامن شهر کي منشيات فروشن جي ور چاڙهيو ويو آهي جوا شراب سفينا چرس آئيم سميت هر منشيات جا وڏا ڊيلر موجود آهن پوليس سميت لاڳاپيل اختيارين منشيات فروشن جو گهيرو تنگ ڪن

بقايا سنڌيار 10

ته بابا جي وفات بعد پاڻ نذير سان رهندي هيس بابا جي پينشن منهنجي نالي تي ڪرائي ڪيترن ئي سالن کان ڪڍندو هو هن چيو ته 2022 ۾ شوڪت پنهور سان شادي ٿي آهي مڙس جي نالي سان شناختي ڪارڊ ٺهڻ بعد پينشن بند ٿي وئي آهي جنهن تي پاڻ منهنجو ۽ منهنجي مڙس سميت انهن جي ماڻٽن جو ويري بڻجي ويو آهي ڪوڙيون درخواستون ۽ ڌمڪيون ڏيئي پريشان ڪري رهيو آهي جڏهن ته نوبدان جي مڙس شوڪت پنهور چيو ته نذير پنهور ڏوهاري قسم جو ماڻهو آهي هن تي ڪيترا ئي ڪيس داخل ٿيل آهن گوٺ ۾ به ڏوهاري قسم جا ماڻهو ويهاري ويٺو آهي منهنجي گهرواري جي نالي تي پينشن ڪڍندو هيو گهرواري جو شناختي ڪارڊ نهرايو آهي ته بيگناهه رستا روڪ ڪري تنگ پيو ڪري هن چيو ته اسين محنت مذوري وارا ماڻهو آهيون هتن دي آئي جي حيدرآباد ايس ايس پي دادو ڊاڪٽر عبدالخالق پيرزاده کي اپيل ڪئي آهي اسانکي تحفظ ڏنو وڃي اسان کي پاڻ نذير پنهور مان جاني ۽ مالي قسم جي نقصان جو خطرو آهي.

بقايا سنڌيار 11

اسپتالن ۾ علاج موجود نه آهي روزگار نه هجڻ جي ڪري گهرن ۾ فاقه ڪشي ڪٽڻ تي مجبور آهن هيروئين آئيس شيشو نوجوانن عورتون ٻارن زندگي تباهه برباد ٿئي رهي آهي هيروئين آئيس شيشو نه ملڻ تي هر پاڙي ۾ چوري جو آزار عروج تي پهتل آهي ڳاٽي ٽوڙ مهنگائي تيزي سان وڌي مزدورن جي مزدوري نه وڌڻ جي ڪري ٻارن کي تعليم ڇڏائڻ تي مجبور ٿئي پيا آهن واپاري مافيا من پسند ريٽ مقرر ڪرڻ تي مزدوري ڪندڙ سان گڏ سفيد پوش ماڻهو هڪ ويلي لاءِ پريشان آهن حڪومت ضلعي انتظاميا طرفان ڪو به رليف نه آهي پبلڪ هيلٿ جي ناڪارا ڏينج جي ڪري پوري ضلعي ۾ گٽرن جي پاڻي جو واٽر ٽلاءُ جوڏيڪ ڏئي رهيا آهن نه روڊ نه گهٽيون ٺهيل آهن واٽر سپلاءِ جي لائين نالين ۾ هجڻ جي ڪري گندو پاڻي استعمال ڪرڻ تي مجبور آهن ٽنڊو محمد خان جو ڪوڌڻي سائين موجود نه آهي ان کي مدنظر رکندي هڪ نيڊري ڪوشش ڪئي آهي NEEDY EYESجو بنياد وڌو ويو آهي جٿين ٽنڊو محمد خان جي عوام جو آواز اٿارڻ سان گڏ قانون سان رجوع ڪيو ويندو جنهن جي قيادت ايڊوڪيٽ عبدالباسط ميمڻ اڳواڻي ۾ چاچا عبدالحڪيم ميمڻ جي آفيس تي ميٽنگ رکي وئي جنهن ۾ ايڊوڪيٽ عبدالباسط ميمڻ زاهد جسڪاڻي ايڊوڪيٽ علي احمد مير بحر ايڊوڪيٽ مير اسرار ٽالپر مير ڪفيل احمد ٽالپر اشرف لغاري محمد سليم زنگيجو جاويد جام مختيار خاصخيلي ٻين خطاب ڪندي چيو ته اسان جو مقصد مظلوم قوم جي واهر ڪرڻ آهي هر پاسي ظلم پريا آهي ماڻهن جو جيئڻ جنجال بڻجي ويو آهي بي يارو مددگار بڻيل ماڻهن جو آواز اٿارڻ سان گڏ قانوني به عمل ڪرائي حق وٺائڻ لاءِ مالڪي ڪئي ويندي ايڊوڪيٽ عبدالباسط ميمڻ مظلوم قوم جي ڪيس ڦري ۾ داخل ڪيو ويندو ڪاغذن جي ڦوٽو ڪاپيون ايڊيٽ به ايڊوڪيٽ عبدالباسط ميمڻ جي طرفان هجڻ سان گڏ مڪمل مالڪي ڪئي ويندي اچو گڏجي NEEDY EYESجي ڪيل نيڊي ڪوشش جو سهارو بڻائي ماڻهن جي واهر ڪيو

بقايا سنڌيار 12

ويو سکر جي واپارين ۽ دوڪاندارن پاران سکر جي مختلف بازارن غريب آباد، ڊڪ روڊ شاهي بازار، پان منڊي،فريئر روڊ سميت ٻين بازارن ۾ بجلي مهانگي، پيٽرول مصنوعات جي قيمتن ۾ واڌ خلاف ڏنل سڏ تي هڙتال ڪئي، سکر سماجي فورم جي ڪارڪنن ۽ قادري اسٽوڊينٽس پاران غازي غلام معاويه قادري جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي وئي. ڪارڪنن جي قيادت ، صحافي سماج سڌارڪ ۽ اديب مجيد نواز مغل ڪئي. ان موقعي تي دادو چوڪ تي ريلي کي خطاب ڪندي مجيد نواز مغل طارق مغل ۽ ٻين اڳواڻن چيو ته سيپڪو ۽ ٻيون بجلي، جون ڪمپنيون عوام لاءِ آزار آهن. مختلف ٽيڪسز عوام جي کيسن مان ڪڍيو وڃي ٿو ۽ عياشيون آفيسرشاهي ايم اين ايز، ايم پي ايز ۽ ٻيا ڪن ٿا. جن کي مفت ۾ بجلي فراهم ڪئي وڃي ٿي. هنن وڌيڪ چيو ته سيپڪو وارا بجلي کي چوريون پاڻ ڪرائي لوڊ شيڊنگ عام ماڻهن لاءِ ڪن ٿا. هنن واپڊا خلاف زوردار نعريبازي پڻ ڪئي.

بقايا سنڌيار 13

BHUپٽني ۾ PPHIپاران مقرر ٿيل پاڻ کي بي بي ۽ سيد سڏائيندڙ ليڊي ڊاڪٽرياڻي عرصي کان غريب ۽ بي پهچ عورتن لاءِ آزار بڻيل آهي. ڊاڪٽرياڻي جي ناروا سلوڪ ۽ اڻنگي ڳالهائڻ سبب ڪيترن عورتن پٽني جي سرڪاري اسپتال ۾ وڃڻ ئي ڇڏي ڏنو آهي. جڏهن ته سرڪاري اسپتال ۾ اينڊ ڊليوري وارين عورتن کي به مختلف بهانا ڪري سيزر ٿيڻ لاءِ چٽي سکر ۽ روهڙي ۾ من پسند ويمر گهرن ۽ اسپتالن ۾ وڃڻ جا مشوره ڏئي واپس ڪيو ويندو آهي. ٻئي طرف پٽني جي سرڪاري اسپتال ۾ ٻن سون کان وڌيڪ او پي ڊي هجڻ باوجود صحت کاتي سنڌ ۽ (پي پي ايڇ آئي) جي اعلا اختيارن جي بيڌياني سبب پٽني سميت پرپاسي وارن ڳوٺن جو عوام علاج جي بهتر سهولتن کان محروم آهي. پٽني جي شهرين وس وارن کي اپيل ڪئي آهي ته نوٽيس وٺي غريب ۽ مريض عورتن سان بدسلوڪي ڪندڙ ڊاڪٽرياڻي کي هٽائي فرض شناس ڊاڪٽرياڻي ۽ عملو مقرر ڪرڻ سان گڏ او پي ڊي مطابق اسپتال ۾ علاج جون سهولتون ڏنيون وڃن.

بقايا سنڌيار 14

۾ 2 هزار ڏنڊ پڻ وڌو ويو آهي. جوابدارن نئون گهيرو ۾ ڏيڍ سال اڳ شير خان ڪلهوڙو جي گهر تي حملو ڪيو هو ۽ جوابدارن مٿان گهر تي حملي جو ڪيس داخل هو

بقايا سنڌيار 15

